بابائے سندھ

# کامریڈ حیدر بخش جتوئی



ٻاٻاءِ سنڌ

# ڪامريڊ حيدربخش جتوئي

ترتيب :

رُڪ سنڌي

ساڃيهه اشاعت گهر حيدرآباد

كتاب : ١

ڇپائيندڙ : رُڪ سنڌي، سيڪريٽري ، سانيهہ اشاعت
گهر حيدرآباد سنڌ .

ڇاپـو : پهريون، جون ١٩٨٤ع

پاران     ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت : ٠٠ — ١٠ روپيہ

BOOK : 1

Book: Babie - Sind, Comrade Hyder Bux Jatoi.
(Interview & Articals in Sindhi Language.)
Editor & Publisher: Ruk Sindhi, Secretary,
Saneeh Ishait Ghar Hyderabad Sind.
First Edition: June 1984
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ترتيب


● پس اکر — ادارو — ۴

○ انٽرويو

۱- باباءِ سنڌ جو انٽرويو — ۹
(وٺندڙ : سوڀو گيانچنداڻي)

○ مضمون

۲- جي ايم سيد — ۴۴
۳- علي احمد بروهي — ۵۱
۴- نورمحمد شيخ — ۵۹
۵- لعل جسڪاڻي — ۶۸
۶- رشيد ڀٽي — ۸۲
۷- غلام محمد لغاري — ۱۰۲
۸- ظفر حسن — ۱۰۸

# ٻه اکر

ساڃاهه اشاعت گهر طرفان اسان سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت سان گڏ ڏيهي توڙي پرڏيهي سياست ۽ عالمي نظرين تي وقت کان وقت جامع ۽ ترقي پسند سوچ جي ترجماني ڪندڙ مواد ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا رهنداسون. ان مواد ۾ نئين تخليقن سان گڏ اهي پراڻيون شايع ٿيل لکڻيون به شامل هونديون، جيڪي وقتي حالتن مطابق هجڻ سان گڏ، مارڪسي لينني سائنسي سوچ جي ترجماني ڪندڙ پڻ هونديون، جيئن سنڌي قوم پنهنجي صحيح ۽ سچي تاريخ، ادب ۽ ثقافت سميت انهن اهم سياسي مسئلن ۽ نظرين کان پڻ واقف ٿيندي رهي، جيڪي نه صرف پوري دنيا تي اثر انداز ٿي رهيا آهن، پر اسان جي پنهنجين اندروني حالتن سان پڻ لاڳاپيل آهن.

اسان پنهنجي عمل جي شروعات سنڌ جي هڪ عظيم انسان باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي زندگي تي هڪ ڪتاب ڇپائڻ سان ڪري رهيا

آهيون. هن ڪتاب ۾ ڪامريڊ جتوئي جو نهايت اهم آخري انٽرويو شامل ڪجي سان گڏ، ڪامريڊ جي زندگي ۽ نظريات تي سنڌ جي اهم ماڻهن جا ڪجهه بهترين مقالا پڻ موجود آهن.

بابا سنڌ، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي پهريون ماڻهو هو، جنهن سنڌ اندر صحيح معنيٰ ۾ سماجوادي فڪر جو ڦهلاءُ ڪيو ۽ پورهيت راڄ قائم ڪرڻ لاءِ انقلابي تحريڪ جو بنياد وڌو. هن سنڌ جي هارين، مزدورن ۽ شاگردن کي ڏيهي توڙي پرڏيهي ڦورن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. ڪامريڊ، سنڌ جي مظلوم پورهيت عوام جي جان مدي خارج سياست مان آجي ڪرائي، کيس صحيح سياسي لائين تي آندو. هن دؤر ۾ سنڌ جي پورهيت عوام ڪامريڊ جي ڏنل مارڪسي - ليننسي انقلابي نظرئي جي سرواڻي هيٺ وڏا ڪارناما سرانجام ڏيئي رهيو آهي. هو ڏيهي ۽ پرڏيهي ڦورن خلاف ويڙهه وڙهڻ جي شروعات ڪري چڪو آهي.

ڪامريڊ جتوئي نه صرف سنڌ جي مدي خارج سياست ۾ انقلابي تبديلي آندي، پر هن ماڻهوءَ ئي سنڌي ادب ۾ پهريون رجعت پرست ادبي رجحانن کي شڪست ڏئي، ترقي پسند ادبي قدرن جو بنياد وڌو ۽ سنڌي ادب کي دنيا جي سماجوادي فڪر جي

ترجماني ڪندڙ ادب سان پڻ ڪري بيهاريو. ڪامريڊ هتان جي اديبن کي پهريون ڀيرو دنيا جي انقلابي ادبي ڌارا کان واقف ڪري ، کين ان سان سلهاڙي ڇڏيو .

سنڌ جو هيڏو وڏو انقلابي رهنما اڄ اسان جي بي حسي جو شڪار بنجي چڪو آهي. اسان کيس نظر انداز ڪري چڪا آهيون ، وساري چڪا آهيون. ان جو وڏو ثبوت اهو آهي جو اڄ ڪامريڊ کي وفات ڪئي ١٤ سال ٿي چڪا آهن. پر اسان اڄ تائين نه ڪامريڊ جي ڪا سوانح عمري لکي سگهيا آهيون ۽ نه وري سندن نهايت اهم ڪتاب، لکڻيون، سياسي ۽ نظرياتي مقالا ۽ مضمون ڇپائڻ جي ڪا ضرورت محسوس ڪئي آهي. اسان کي پنهنجو ايندڙ نسل ان بي حسي، سستي ۽ ڪاهلي تي ڪڏهن ڪونه بخشيندو.

اڄ ڪامريڊ جتوئي کي سڀ ادارا ، پارٽيون ۽ تنظيمون وساري چڪيون آهن. هتان جي نئشنلسٽن ان ڪري ڪامريڊ کي پنهنجو نه ڪيو آهي، جو ڪامريڊ قومي مسئلو سماجوادي نقطي نظر سان حل ڪرڻ پئي گهريو ۽ پاڻ سنڌ وطن جي پورهيتن کي ڌارين توڙي پنهنجن ڦورن، ٻنهي کان نجات ورائي ڏيڻ لاءِ ڪوشان هيو. جيڪا ڳالهه هتان جي مٿئين طبقي جي مفادن جي رکوالي ڪندڙ نيشنلسٽن کي ڪانه وڻي .

ان ڪري هنن ڪامريڊ جو "جيئي سنڌ" جو نعرو ۽ قومي خود مختياري" جو پروگرام ته پنهنجو ڪيو، پر هو ڪامريڊ جي "پورهيت راڄ" قائم ڪرڻ واري پروگرام کان پاسيرا ٿي ويا.

ڪامريڊ جتوئي کي پاڪستان جا نقلي ترقي پسند ان ڪري وساري چڪا آهن، جو ڪامريڊ، پاڪستان کي هڪ وفاقي گهڻ قومي ملڪ مڃيندي، هتان جي مظلوم قومن جي قومي حق خود مختياري جو حامي هيو. سندن نظريو هو ته، هتي تيستائين پورهيت راڄ قائم ٿي نه ٿو سگهي، جيستائين هتي قومي جبر جو خاتمو نه ٿو ٿئي ۽ قومون پنهنجي حقيقي آزادي ۽ خود مختياري نه ٿيون ماڻين. ان ڪري نقلي ترقي پسندن، ڪامريڊ جو "پورهيت راڄ" قائم ڪرڻ وارو نظريو ته پنهنجو ڪيو پر، هتان جي مظلوم قومن لاءِ ڪامريڊ طرفان پيش ڪيل پروگرام کي پٺتي اڇلائي ڇڏيو.

ٻنهي ڌرين ڪامريڊ کي پڻ الڳ الڳ، حصن ۾ ورهائي سندس نظريي جي اصل روح جي نفي ڪئي آهي، هنن ڪامريڊ جي هڪ مڪمل سياسي ماڻهو کي ترار ڏان ۾ ٽڪر ڪري ختم ڪيو آهي. هاڻ ڪامريڊ جي صحيح پيروڪارن ۽ همت وارن ڪارڪنن تي فرض عائد ٿئي ٿو ته، هو عوام آڏو سندس صحيح ۽

سچو رخ پيش ڪن ۽ سنڌس نظرئي تحت ڪم ڪري هتان جي مظلوم عوام کي دکن ۽ دردن مان ڇوٽڪارو ڏيارين .

سچ ته، ڪامريڊ جتوئي، هتان جي مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي آزادي ۽ خوشحالي جي جيڪا واٽ ڏسي آهي ، سا مارڪسزم ـ لينزازم جي عين اصولن موجب آهي. ڪامريڊ هتان جي حالتن ۽ ضرورتن کي نظر ۾ رکي جيڪو پروگرام اسان کي ڏنو آهي، سو ماڻهن جي گهرجن مطابق آهي . ان ڪري اسان کي گهرجي ته سنڌس ڏسيل واٽ تي هلي پنهنجو مستقبل روشن ڪيون. جيئن ملڪ ۾ حقيقي امن قائم ٿئي ۽ خوشحالي اچي.

ــــ رشڪ سنڌي

١٦ جون ١٩٨٤ع

# باباءِ سنڌ جو انٽرويو

## وٺندڙ: سوڀو گيانچنداڻي

(هي انٽرويو ڪامريڊ جتوئيءَ جي وفات کان ڪجهه ڏينهن اڳ، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ ريڪارڊ ڪيو هو. انٽرويو وٺڻ وقت جتوئي صاحب جن سخت ڪمزور هئا، ان ڪري سندن ڳالهين ۾ ڪٿي ڪٿي تسلسل ٽٽي پيو آهي. اسان ان تاريخي انٽرويو ۾ ڪابه ڦيرڦار آڻڻ ڪونه ٿي چاهي. ان ڪري ريڪارڊ ٿيل انٽرويو، پورو پورو ڏيون ٿا. انٽرويو دوران ڪامريڊ جتوئي ۽ ڪامريڊ سوڀي انگريزي ۾ ڳالهايو آهي. اسان سنڌي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ، ان جو ترجمو ڏنو آهي.)

## انٽرويو وٺڻ جي تاريخ: ٣١ مارچ ١٩٧٠ع

سوڀو: ڪامريڊ! اوهان جي پيدائش جي تاريخ ڪهڙي آهي؟

جتوئي: ڪامريڊ! اسان جي واهڻ ۾ ڪا تاريخ ڄمڻ جي ڪانه هوندي هئي. پر سمجهيو وڃي ٿو ته آڪٽوبر ١٩٠١ ۾ منهنجو ڄمڻ ٿيو.

١٩٢٤ع ۾، پوءِ ١٩٢٥ع ۾ مان انٽر ۾ هوس، انٽر آرٽس ۾، اتي به مون کي اسڪالرشپ ملندي آئي. مسلمانن ۾ پهريون نمبر هوس، تنهنڪري اسڪالرشپ به مون کي ملي. ١٥ رپيا ماهوار مسلم اسڪالرشپ الڳ، جنرل اسڪالرشپ الڳ. اهو ديوان ميٺارام هوندو هو، انهيءَ اسڪالرشپس پيدا ڪيون هيون. سال سال ۾ مون کي هڪڙي مسلمان ۽ ڪيترا انعام مون کي مليا. جيڪي پرنسپال شاهاڻي مون کي ڏنا هئا. انهيءَ جو مون سان ڏاڍو پيار هو. ڪلاس ۾ چيائين:

"هن حيدربخش کي ڏسو، سنڌس منهن مان عقل ٿو بکي، هي جتوئي ذهين ماڻهو آهن."

مون بي - اي پاس ڪئي ١٩٢٧ع ۾.

سوال: ان وقت پيو به ڪو جتوئي هو، جنهن جو ڪجهه نالو چڙهيل هجي؟

جتوئي: قادرالدين جتوئي، اهو حسابن ۾ هوشيار هو. تنهن ڪانپوءِ هن امتحان اپريل واري جو نتيجو، جون ۾ ظاهر ٿيو. بامبي يونيورسٽي هئي. پوءِ سرڪاري آزمائش هيٺ نوڪري تي ست ماڻهو ضلع مان چونڊيا هئا جن کي مختيارڪار جي پگهار ۽ درجي تي هيڊ منشي ڪري رکيو هو ۽ هڪ يا ٻن سالن ۾ روينيو جو امتحان پاس ڪرڻ تي هنن کي ترقي ڏيڻي هئي. پوءِ انهن ستن ۾ به مان پهريون نمبر هوس.

سوڀو: لاڙڪاڻي ضلع مان؟

جتوئي: سڄي سنڌ ۾، مون کانپوءِ هيا عبدالله چنا ۽ ٻيا گهڻا. مان سڀني ۾ پهريون نمبر هوس. سڀني ماڻهن مان، مان پهريون مختيارڪار ٿيس.

سوڀو: انٽرميڊئيٽ کانپوءِ مختيارڪار ٿيو؟ ۽ بي- اي ڪهڙي سال ۾ پاس ڪيو؟

جتوئي: ١٩٢٧ ۾، ڪاليج جي ڪيريئر ۾ منهنجو نالو مشهور شاعري ۾ ٿيو. اتي منهنجو دوست هوندو هو. اتي اسان جي شاعرن جي ٻه جماعت هئي، "سرسوتي گروپ".

سوڀو: سرسوتي علم جي ديوي آهي.

جتوئي: انهيءَ ۾ مشاعره ٿيندا هئا.

سوڀو: مشاعرن ۽ شاعريءَ تي هڪ خاص سوال جدا آهي، پوءِ ڪندس. توهان بي - اي کانپوءِ مختيارڪار ٿيا. هائي نوڪري توهان ڇڏائي تہ مختيارڪار. تنهن کانپوءِ ڊپٽي ڪليڪٽري ڪيترا سال توهان ڪئي، ۽ ان ۾ ڪي خاص واقعا؟

جتوئي: مختيارڪاري جي دور ۾ مان آزاد خيال هوس ۽ انگريز آفيسرن سان ٿوري نفرت هوندي هئي. آفيسر طور جيتوڻيڪ ڪيترا انگريز ۽ مٿڪمان منهنجو گهڻو خيال ڪندا هئا. انهيءَ وچ ۾ جڏهن هيڊ منشي هوس، تڏهن مون اتان نوڪري ڇڏي. مان ادب جي

۾ نيمر ۰ اتي گهوڙيءَ ۾ مختيارڪاريءَ مان بيزار ٿيس ۽ زمانـي ڪرڻ، آفيسرن ۾ اها مون کي پسند نه آئي. مون چيو تـه ، بي نوڪري Side ڪبي، ۽ آغا غلام حسين هونـدو هو ڊپٽي ڪمشنر ، هاڻ هفتو کن ٿيو ته مري ويو. ان مون کي ڊپٽي مئنيجر ڪري رکيو، انڪمبرڊ اسٽيٽ ۾. پوءِ اتي مون کي ٻه فائدا ٿيا، هڪڙو ته مون کي ڪم گهٽ هئڻ ڪري، ادب پڙهڻ جو موقعو مليو ۽ ٻيو پگهار بـه ڪجهه وڌيو ، پنجاهه روپيه اسپيشل ٻي ۽ پنجهتر روپيه ٿي - اي باقاعدي.

دادن خان: پلا اهو ٿي زمانـو هو ، نوڪريءَ جي مختيارڪار جي زماني ۾ تـوهان سوڀي صاحب سان مليا هئا؟

جتوئي: سوڀي صاحب سان ان کان اڳ ۾ ئـي رستو هو. پوءِ ۱۹۴۱ع يا ۹۴۲ع ۾ رشيا تي حملو ٿيو ۰ انهيءَ وچ ۾ ۱۹۳۸ع ڌاري ڪميونسٽ لٽريچر مون کي مليو ، قادربخش نظامائي جي معرفت ۰ پوءِ گهڻا منهنجا خيالات اشتراڪي ٿيا. مان هٽلر جي سخت خلاف هوس ۽ انهيءَ ڪري انگريـزن سان منهنجي همدردي ٿي. جيئن آئون ڪميونسٽ تحريڪ سان هوس.

سوڀو: ۱۹۴۱ع جون ۾ سوويت يونين تي هٽلر جو حملو ٿيو؟

جتوئي: ها! انهيءَ وقت منهنجي خيالـن ۾ وڏو انقلاب آيـو ۰ انقلابي تـه مان اصل هوس ۰ منهنجو

ڏني ۽ انهيءَ زمين تي هاڻي منهنجو ڇڳو ڪڏارو
ٿئي پيو.

سوڀو: توهان جي زمين ڪل هن وقت ڪيتري آهي؟

جتوئي: هن وقت اٽڪل اڍائي سئو ايڪڙ هڪڙا آهن، ٻي آهي پنجاهه ايڪڙ براج جي، پر اڄان قسطون ڪونه ڏنيون اٿم ۽ انهيءَ ۾ گروي ٿيل آهي. مون تي ٥٠، ٦ هزار روپيه قرض آهي، ٻنڪن جو، تفاوتن جو، مڙئي اهين مولائي طور تي مون پٺي ڪم ڪيو آهي. پوءِ ١٩٤٥ ع ۾ مون سمجهيو ته لڙائي ختم ٿي ۽ اقوامتحده پئدا ٿي. مون چيو ته هاڻي انگريزن هيٺ نوڪري ڪرڻ، هي باعث شرم آهي منهنجي ماڻٽن ڪهڙو جهليو ۽ دوستن ته قسطون رهيون پيون اٿئي، بار اٿئي. مون چيو ته ڇا به ٿئي مان نوڪري ڪونه ڪندس، پوءِ استيفيا ڏيئي، هاري ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿيس. مون کي يڪدم جنرل سيڪريٽري ڪيائون. پوءِ اڄا تائين مان انهيءَ هاري ڪاميٽيءَ ۾ آهيان. ١٩٤٧ ع ۾ مون کي پريزيڊنٽ چونڊيائون رتيديري ۾.

سوڀو: رتوديرو هاري ڪانفرنس ۾؟

جتوئي: ها! ۽ ٿوري ناغي کان سواءِ ٻيڪو مان صدر ٿيندو پيو اچان.

سوڀو: ڪامريڊ! هاري ڪاميٽي جي باري ۾ وري ڪجهه ٻه، چار، پنج سوال آهن. مان اوهان کان يڪمشت پڇندس. پنهنجي نظرئي جي باري ۾ هڪڙي

جو صحيح طريقو پيش ڪري ٿو. مگر مون تي ڪو ظلم ڪنهن جو ڪونه، ٿيو. جنهن ڪري مان اڃا پناهه ورتي يا پڪڙس، مان ته ائين ٿو سمجهان.

سوڀو: سو هڪڙي سوال تي انهيءَ دور ۾ جنهن وقت اڪثر مسلمانن جو پڙهيل ڳڙهيل طبقو تعصب ۽ ڪٽرپڻي ۾ مبتلا هو، توهان هڪ وچترو، صوفيانو، انصاف وارو، عوام لاءِ همدردي جو جذبو، پر ساڳي وقت صرف هندو مسلمان جي تفرقي کان مٿي اهو نظريو توهان کي ڪيئن پهتو؟

جتوئي: اهو مون کي ڪاليج ۾ پهتو، خصوصاً "اينگر سال جا مضمون".

سوڀو: اهو اڄ به هڪ مستند ڪتاب آهي، مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف.

جتوئي: اهو مون کي ڊاڪٽر دائود پوٽي ڏنو هو. جيئن مان صفحو صفحو پڙهندو ويس ته مون تي وڏو اثر ٿيو، ذهني طرح. مان سمجهان ٿو ته انهيءَ ڪتاب منهنجي فلسفي ذاهن ۾ وڏي مدد ڪئي. ڇاڪاڻ ته هن مذهب کي تمام چڱي طرح منهن ڏنو آهي، خاص ڪري ڪرستانن کي، اهي جيڪي دليل آهن، سي سڀني مذهبن سان لاڳو ٿين ٿا.

سوڀو: ڪن خاص استادن جو اثر هو، اوهان جي ذهن تي انساني خدمت جي جذبي لڳائڻ ۾ جو توهان آڪالـو صاحب سنگهه شاهاڻي ۽ بوٽاڻيءَ جو ذڪر

ڪيو آهي؟

جتوئي: ڊاڪٽر دائود پوٽي، تمام پوءِ انهيءَ ڳالهه تي مون سان ڪاوڙيو ته تو منهنجو نالو ڇو ورتو ته. انگريز سان مون کي دائود پوٽي ڏنو آهي. گربخشاڻي اهڙو ذهني طرح اڳتي نه هو نه ڪو بوٽاڻي. اهي صوفي خيال جا ماڻهو هئا. پر هنن ۾ اهڙا ظريفاڻي صفائي ڪانه هئي جا مثلاً انگريز سان ۾ هئي. مثلاً پيا جيڪي ڪتاب آهن، ”ٿنڪرس لئبرري“ جا، اهي مان به ڪافي پڙهيا ۽ انهن به انگريز سان جي پيرائي ڪئي. ڊارون مون تي وڌو اثر ڪيو ۽ برنارڊشا ۽ هو ...... لاهور ۾ جنهن جو حال آهي.

سومرو: ڪامريڊ! توهان جو ٿيوسافسٽن سان ڪجهه وقت مختلف مذهبن جي مطالعي ۾ گذريو، اها ڳالهه ڪهڙي حد تائين آهي؟

جتوئي: مان هتي حيدرآباد آيس ته ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو ميمبر هوس. مان پاڻيان ٿو ته اڄ به ميمبر آهيان، ڇو ته هنن جي هڪڙي ڳالهه: ”سڀ انسان برابر آهن، سچ کان مٿي ڪو مذهب ڪونه آهي.“ اهي اهڙا سونهري اصول آهن، جهڙوڪ پي طرح هنن ۾ ڪافي Misticism آهي، جنهن ۾ منهنجو ويساهه ڪونهي.

سومرو: هن جو Broad Humanism and tolerence توهان کي اپيل ڪري ٿو؟

جتوئي: ها!

سوپو: توهان شاعريءَ جي شروعات ڪڏهن ڪئي؟

جتوئي: شاعري جي شروعات، منهنجي اچا سنڌي اسڪول ۾ پڙهندو هوس ۽ اها مرثين سان ڪيم. هي امام حسين جي شهادت، انيس، دبير، انهن شعر اردوءَ وارا پڙهيم.

سوپو: توهان جو والد پڙهيل هو؟

جتوئي: نه.

سوپو: بنهه نه، ڪو خليفو، ڪو ماڻهو، جنهن توهان کي هن پاسي چاهه ڏياريو شاعريءَ طرف؟

جتوئي: گهر ۾ ڪو ڪونه، صفا اوندهه.

سوپو: توهان ڏيئو پنهنجو پاڻ پاريو آ؟

جتوئي: بس ائين سمجهو.

سوپو: توهان جا جيڪي شاعري جا مجموعا آهن، سي ڪهڙا آهن؟

جتوئي: تحفه سنڌ، آزاديءَ قوم ۽ ٻيا جيڪي گيت مون چيا آهن، انهن ۾ منهنجا بهترين گيت آهن: ”حيوان انسان“ ”پيام امن“، هاڻي ٽِڏو اٿم ڇپجي پيو. پاڪستان ۾ انگريزي ۾ پولٽيڪل راڊيڪلس آهن، جن جي اسٽ منهنجي ڪتابن ۾ اٿو.

سوپو: توهان جو جيڪو پهريون مجموعو آهي، شاعريءَ سو ڇپيل ”تحفه سنڌ“ انهيءَ ۾ ڪا ڪانٽرو ورسي ٿي هئي ڇا؟

جتوئي: وڏي ڪانئرو ورسي تي هئي.

سوڀو: انهيءَ جو ٿورو مختصر احوال ۽ خبر پوڻين نصاب لاءِ.

جتوئي: انهيءَ ۾ علي محمد راشدي، حسام الدين راشدي، کهڙو ۽ ٻيو هڪڙو نظر علي پٺاڻ هوندو هو لاڙڪاڻي ۾، انهن مولوين کان فتوائون ڪڍايو تـه حيدربخش ڪافر آهي.

سوڀو: تهن مان ڪهڙي شعر تي هنن کي اعتراض هـو؟

جتوئي: "شڪوه"، جي، هي نـوڪريءَ جي لائق تہ نہ آهي، پر هن تي ڪيس ڪيو وڃي، جيل ۾ وڌو وڃي ۽ هنن جو اهو بہ هڪڙو پهہ هو تـہ جيڪڏهن ڪورٽ ۾ اچي سکر ۾ تہ هنن کي خون ڪيو وڃي، جهڙي طرح اهڙا خـون ٿيا آهن. انهن ڏينهن ۾ سنڌ الڳ نہ هئي، ڪمشنر گبسن هو. ميران محمد شاهہ، افسوس آهي تہ هو شاعر بـہ هو، سنڌي ميمبرن جو وفد وٺي هو گورنر وٽ بمبئي ويو تہ حيدربخش کي ڊسمس ڪيو، هن تي ڪيس جي منظوري ڏيـو. انهيءَ وقت سر شاهنواز ڀٽو ايگزيڪيوٽو اڊـوائيزر هو. انهيءَ جا منهنجي بـابـا سان شخصي تعلقات چڱا هئا ۽ هو لبرل ٽائيپ بہ هو، اهڙو متعصب نہ هو، انهيءَ ڊيپوٽيشن کي جواب ڏنو تہ، بابا ڇڏيو هڪڙو مسلمان آفيسر آهـي، چڱو آفيسر آهي. جو

انهيءَ کي تنگ نہ ڪريو، اهڙا شعر هين بہ پڙهي لکيا آهن، ۽ خدا سائين پاڻ کي پاڻ بچائي سگهندو، اوهان جي بچاءَ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. تنهنڪري هن ڳالهہ تان لهي وڃو." ۽ پوءِ هنن خاموشي اختيار ڪئي. گبسن منهنجو ڪتاب موڪليو، حاتم علويءَ ڏي. هيءَ ڳالهہ حاتم علويءَ ٻہ سال ٿيا، مون کي ڪئي. حاتم علوي چيو تہ "جناب هن شعر ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪانهي ۽ جيڪڏهن اوهان جهڙا سڌريل قوم جا عملدار هن سان اهڙي ڪارروائي ڪندا تہ پوءِ هن ملڪ ۾ ڪير ڳالهائيندو؟" گبسن ڪاغذ فائيل ڪري ڇڏيا.

سوڍو: اهو واقعو ڪهڙي سال ۾ ٿيو؟

جتوئي: ١٩٣١ع ۾.

سوڍو: تنهن جي معني تہ علي محمد راشدي ۽ ڪمپني شروعات کان وٺي، ازل کان وٺي توهان جي فلسفي جي خلاف رهيا آهن؟ جيئن اڄ بہ آهن.

جتوئي: هائي حسام الدين چيو پڻ تہ مون کي شرم آهي.

سوڍو: هڪڙو توبهہ تائب ٿئي تہ بہ چڱي ڳالهہ، پيو پنهنجو غليظ ڪم اڃان تائين هلائيندو اچي؟

جتوئي: ها! هائي پوءِ مان ١٩٣١ع ۾ جڏهن مختيارڪار هوس تہ گبسن اتي منزل ڪئي، مون کي ان سان ملڻو هو. مون چيومانس تہ صاحب، منهنجي

خلاف هيءَ مان ڪجهه گڙٻڙ ڪئي آهي. پاڻ چوائون ته ”گڙٻڙ ڪئي آهي؟ هو توکي مارڻ ٿا چاهين ۽ مون اهي ڪاغذ فائيل ڪري ڇڏيا آهن ۽ بابا اڳتي اهڙو ڪلام نه لک.“

سوڀو: ملن مان ڪيئن جان ڇڏايو؟

جتوئي: انهن ڏينهن ۾ اهو ميران محمد شاهه مون کي وٺي ويـو. پير حسن جان سرهنديءَ ڏي. تنهن محمد خان وارو اهو پير ليڊر هو موومينٽ جو. رئيس جان محمد پرڪڙيءَ جي بنگلي تي مان نوجوان ماڻهو ڏٺم ته ويهه ٽيهه ويٺا هئا، ڪميرائيءَ ۽ خاموشيءَ ۾. اڪ ۾ ته مون کي اها نئين شيءِ ڏسڻ ۾ آئـي. مان ٿورو ڪلڻ لڳس، ميران محمد شاهه چيو تـه ڪلي نه نه هتي درگاهه آهي. ميران محمد شاهه مون کـي مجبور ڪيو. جنهن تي مون هن کي چيو ته هي ڪتاب مان وڌيڪ ڪونه ڇپائيندس. اها ڳالهه هنن پڌرنامون سمجهي قبول ڪئي. انهيءَ ۾ ٻـن ماڻهن ايڊيٽرن مون سان همدردي ڪئي، هڪڙو دين محمد وفائي، ٻيو محمد هاشم ”مسلمان“ جو ايڊيٽر مخلص هنن منهنجي خلاف ڪابه ڳالهه ڪانه لکي، بلڪ چيائون ته ڇا ڳالهه آهي؟

سوڀو: اها جيڪا تـوهان جي شاعريءَ جي خلاف تحريڪ هلي، تنهن جو ڪو سياسي مقصد هـو ڇا؟ توهان جو ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان واسطو هو ڪونه؟

جتوئي: نه، هي مذهبي جنون هو.

سوڍو: توهان پنهنجي شاعريءَ جي مجموعي مان ڪهڙي ڪي وڌ ۾ وڌ پسند ڪريو ٿا؟ جيڪو توهان جي بالغ ذهن جي ترجماني ڪندو هجي؟

جتوئي: شڪوه، آزاديءَ قوم، حيوان انسان، پيام امن ۽ ٻيون ڪي رباعيون ۽ غزل.

سوڍو: توهان کان مون اڪثر ٻڌو آهي ته توهان جو شڪوه آهي، اهو اقبال جي شڪوه کان بالاتر ۽ انسانيت جي قريب آهي. انهيءَ لاءِ توهان ڪجهه بند پڙهائي اسان کي اها ڳالهه واضح ڪيو ته، ڪهڙيءَ طرح توهان انهيءَ کان بهتر ٿا سمجهو؟

جتوئي: اقبال جو ”شڪوه“ جيڪو آهي، سو مسلمانن جي حيثيت ۾ ۽ محدود دائري ۾ آهي. منهنجو شڪوه انسان جي حيثيت ۾ آهي ۽ انسان جو فرياد آهي. هڪڙي ممڪن خالق جي خلاف. خدا آهي ناهي، پتو ناهي. پر هڪ تصور آهي ۽ انهيءَ تصور تي مون شڪوه لکيو آهي ۽ هڪڙي تصور کي مون ڏيکاريو آهي ته هو ٺيڪ نٿو لڳي. شڪوو پڙهڻ سان توهان هن ڳالهه کي سمجهي سگهو ٿا. منهنجي طبيعت اهڙي نه آهي، جو مصرع مصرع ڪري توهان کي پڙهايان. تندرست ٿيس ته پوءِ اوهان کي ذرو ذرو ڪري پيٽ ڪري سمجهائيندس.

سوڀو: ممتاز صاحب جو ورن آهي تہ ، هڪڙو قول آهي برنارڊشا جو تہ، خدا ڪونهي. پر اسان کي ماڻهن کي با اخلاق رکڻ لاءِ هڪڙو خدا خلقڻو پوندو. انهيءَ قول جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

جتوئي: اهو غلط خيال آ. ڪونهي تہ اسان چئو ناهيون، اهو تہ اسان جي ٺهيل شي ئي.

سوڀو: اهو تہ هن بہ چيو آهي تہ ڪونهي؟

جتوئي: (جوش ۾) ڪونهي تہ پوءِ هڪڙو مصنوعي خدا ناهي ۽ ماڻهن کي دڙڪو ڏيئي ڀـا ريجهايون ، اهو سائنسي طريقو نـاهي . اهو اسان کي موقعي تي سائنسي رستو وٺڻ کپي ۽ ماڻهو خوش ڪرڻ ۽ ماڻهن کي دڙڪا ڏيـڻ ، ماڻهن کي راضي ڪرڻ ، اهو غلط رستو آهي. اهو قول والٽر بہ چيو هو. ”جيتوڻيڪ اسان کي ڪو خدا ڪونهي تہ بہ اسان کي هڪ پيدا ڪرڻ گهرجي.“ مان ان سان شامل ناهيان.

سوڀو : تـہ پوءِ مسئلو اٿي ٿو تـہ ذهين ماڻهو ، فلسفيانہ طبيعت وارو ماڻهو اهي تـہ ، سائنسي سچ تي هلندي ، هن سماج جو ڪاروبـار هڪڙي بـا اخلاق شريفانہ طريقي سان هلائڻ جي ڪوشش ڪندا ، پـر، عوام جي اڪثريت ان خدا جي تصور کـان جڏهن وانجهي ٿيندي، تنهن ڪانپوءِ ان کي هڪ با اخلاق ۽ شريف زندگي گذارڻ لاءِ ڪهڙي ترغيب ٿيندي؟ هن

تي توهان سوچيو هوندو؟

جتوئي: منهنجو خيال آهي ته، جڏهن ماڻهو حقيقت کي پروڙيندو جڏهن حق جو پوڄاري ٿيندو، تڏهن هي اهيو سڀ انسان جيڪي تعلقات آهن، انهن جو ادب ڪندو ۽ هو سمجهندو. منهنجي خيال ۾ اهو وڏي ۾ وڏو اخلاقي اصول آهي.

انچه بر خود مه پسندي،
و ديگران را مه پسند.

سوڀو: يعني، تون اهو ئي ڪر، جيڪو تون پنهنجي لاءِ ڪن چاهين ٿو ته اهي تنهنجي لاءِ ڪن؟

جتوئي: جا ڳالهه تون پنهنجي لاءِ نه ٿو پسند ڪرين سا ٻين جي لاءِ به نه ڪر. ته انسان ۾ اهو Self Realisation ايندو، جو هو ظلم ڇڏي ڏيندو. اڳرائي ڇڏي ڏيندو. ڇو ته اهي ظلم ۽ اڳرائيون خود هن کي پوءِ نقصان پهچائينديون. منهنجو انهيءَ انسانيت ۾ ڀروسو آهي. جيتوڻيڪ موجوده زماني ۾ هن دور ۾ هيگل چيو آهي ته، ”ماڻهو لازمي طور تي بڇڙو آهي، ۽ اها بڇڙائي ئي آهي. جيڪا ماڻهوءَ کي ترقي ڏانهن هلائيندي رهي ٿي.“ پر هن اهو قول اڻويهين صديءَ مطابق چيو آهي، ۽ ڪجهه حقيقت رکي ٿو. جيڪي وڏا وڏا ايجادات ٿيا آهن. انهن ۾ گهڻي قدر خود مطلبي آهي. پر سمجهان ٿو ته جڏهن انسانذات پورو علم جو

صاحب ٿيندو ۽ هن ناتي هي معاشي مجبوريون ختم ٿينديون، ۽ سماج هن کي سڀ واجبي ضرورتون پوريون ڪري ڏيندو، جا ڳالهه ناممڪن نا هي، ته پوءِ انسان، هر انسان هڪ شريف وجود ٿي سگهي ٿو. منهنجو اهوئي آئيڊيا ۽ ايمان آهي.

سوڀو: ڪامريڊ! هاڻي وري اچون ٿا هاري ڪاميٽي تي، هاري تحريڪ ۾ توهان ١٩٤٥ع ۾ شريڪ ٿيا ۽ ١٩٤٥ کان ١٩٤٧ع تائين جيڪي ڪيا، ڪم هاري ڪاميٽي سرانجام ڏنا آهن، ان جي باري ۾ ٿورو اسان کي ٻڌايو ۽ تنهن کانپوءِ وري اسان کي ٻڌايو ته ٩٠٧ ع کانپوءِ ١٩٧٠ع تائين جيڪي ڪيا ڪارناما توهان جي رهنمائي ۾ هاري ڪاميٽي سرانجام ڏنا آهن انهن جو مختصر ذڪر ڪريو. اهي دستاويزي شهادتون آهن پر اسان توهان کان مختصر نموني ۾ جيڪي اهم ڳالهيون، توهان جي ڪم جون، Milestones توهان جي جدوجهد جا آهن، اهي ٻڌڻ ٿا چاهيون؟

جتوئي: جيئن مان هاري ڪاميٽيءَ ۾ داخل ٿيس. مون سمجهيو ته هاري ڪاميٽيءَ جو آئين ناهيو وڃي. ١٩٥٠ - ٥١ع جي ڳالهه آهي. ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش پئجي وئي. مون سمجهيو ته سنڌ اندر، سنڌ هاري ڪاميٽي ئي انقلابي ڪم ڪري سگهي ٿي. تنهنڪري هن کي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي بجاءِ باقائدي "سنڌ

گورنر جڏهن گڏ گهرايو ته اتي بـه جهڳڙو، بهرحال دين محمد ان ۾ ڪجهه ته ترميون ڪيون. اسان جي پٽيشن جي بنياد تي، اهي هيئنر طاقت ۾ آهن.

سوڀو : ڪامريڊ! شروعاتي دور ۾ جڏهن هاري ڪاميٽي شايد ١٩٢٣ع کان ١٩٣٠ع جي وقت ۾ آرگنائيز ڪئي وئي ته ان ۾ ڪهڙا مکيه ڪم ڪندڙ هئا. ڪن سان توهان جا لڳ لاڳاپا يا واسطا هئا يا ڪو ڪارنامو ڪم سرانجام ڏنو، توهان کي خبر آهي؟

جتوئي: ٿوري ٿوري، ڪامريڊ عبدالقادر، قادربخش نظاماڻي، چيتمل پرسرام، جمشيد مهتا، انهن جي سهاري هيٺ جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد، پهريون صدر جمشيد نسروانجي هو. ١٩٣٢ع ۾ براج کلي، انهن هارين کي گرانٽن ڏيڻ ۾ ڪجهه ڪم ڪيو. ڪجهه هارين کي زمينون مليون، هارپ گرانٽون.

سوڀو : سکر براج تي آباد ٿيندڙ زمين مان گهٽا لک ايڪڙ هارپ گرانٽ لاءِ رزرو ڪيا ويا؟

جتوئي: مان پانيان ٿو ته ڏيڍ لک ايڪڙ.

سوڀو: جنهن وقت تائين، توهان هاري ڪاميٽي ۾ داخل ٿيا، ان وقت تائين هاري ڪاميٽي جو ڪيل ڪم، هڪ ته اهو هو ته هارين لاءِ زمين هاري گرانٽ شرطن تي رزرو ڪرايائين ۽ ان ڪانسواءِ بيو هارين ۾ ڪجهه بيداري، پنهنجي حقن جي باري ۾ آندي وئي.

تنهن ڪانپوءِ توهان اڙ ۾ آيا. ان ڪانپوءِ مڪيه ڪم سڪهڙا هاري ڪاميٽي انجام ڏنا. هڪڙو ته ٽيننسي ايڪٽ جو توهان ذڪر ڪيو. جنهن ۾ اڌو اڌ بٽئي جي باري ۾؟

جتوئي: اسان اليڪشن به لڙيا هئاسين ۽ عوام ۾ وياسين. انهيءَ جو اثر زميندارن تي به پيو. ڪهڙي تي به، هن چيو ته، بابا هي جيوڙا پڪڙجي رهيا آهن، تنهنڪري ٽيننسي ايڪٽ ضرور پاس ڪجي. اليڪشن ۾ اسين ڪامياب ڪونه ٿياسين، پر چڱا چڱا ووٽ اسان کي مليا. مثلاً هيئن ته، جتي جنهن زميندار کي ووٽ لاءِ ويهه روپيه خرچ ڪرڻو هو، اسان هڪ روپيه مس خرچ ڪيوسين. انهيءَ ۾ ڪجهه توهان به اسان سان شامل ٿيندا هئا. اهڙي طرح هارين ۾ ورڪر پيدا ٿيا. هارين ۾ سجاڳي جو ٻج پيو. سڄي سنڌ ۾ هاري ڪاميٽي به اليڪشن جي جماعتن منجهان هڪڙي جماعت شمار ٿيڻ لڳي ته هاري ڪاميٽي کي ايترا ووٽ، مسلم ليگ کي ايترا ووٽ. هڪ سياسي پارٽي جي اسان حيثيت حاصل ڪئي. لازمي طرح انقلابي ڪم شروع ٿيو ۽ اچا هلي پيو. تنهن ڪانپوءِ ون يونٽ پيدا ٿيو. ان کي شروع کان مون سمجهيو ته هي هڪ ”بينڪي“ حڪومت جو نمونو آهي. مون مخالفت ڪئي ۽ پوءِ هڪ ڪتاب لکيم 'Injustice to Sind'

(سنڌ سان بي انصافي) وري ٻيو حصو Injustice to' Sind - Part II' (سنڌ سان بي انصافي ڀاڱو ٻيو) وري 'Let us Save Pakistan' (اچو تہ پاڪستان کي بچايون). انهن تي مون تي ڪيتري ڪيس ڪرايو. تہ جج هڪڙو قاضي هو. انهيءَ وچ ۾ ڪيترو نہ لهي ويو وزارت تان، ۽ مون کي ڇڏي ڏنو ۽ اهو جيڪو مون بچاءُ ڏنو هو، ٻہ سئو صفحن جو اهو تاريخي دستاويز آهي.

سوال: اهو ڪيس ڪهڙو آهي، ڪهڙي وقت ۾ ٿيو؟ ون يونٽ ڪانپوءِ؟

جتوئي: ١٩٥٤ع ۾، مون شروع ۾ ئي مخالفت ڪئي. انهيءَ دور ۾، ون يونٽ اڃا ٺهيو ڪونہ هو ۽ ٺهي پيو. اهو اٿو دادن وٽ، انهيءَ ۾ سڄي تاريخ ون يونٽ جي آهي. اسيمبلي جي ميمبرن ڇا ڇيو. اهو سڀ مون ٻيهر پيش ڪيو.

سوال: اهو ڪيس ڪتي ٿيو ۽ ڪهڙي ڪورٽ ۾؟

جتوئي: حيدرآباد سول ڪورٽ ۾.

سوال: توهان غلام محمد جي ڏاڍ مڙسيءَ جي خلاف ٻہ تہ هڪڙيون ٻہ پمفليٽون لکيون هيون؟

جتوئي: اهي اِهي ئي آهن. (سنڌ سان نا انصافي - ٢٠١)

سوال: سنڌ سان جيڪي نا انصافيون ون يونٽ ڪان پوءِ ٿيون، انهن ۾ توهان مکيہ ڪهڙيون ٿا ڳڻيو؟

جتوئي: اهي گهڻيون ئي آهن. اهي منهنجي ڪيس ۾، اهو جيڪو سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. ٻهريون هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس. انهيءَ ۾ مون اهي ڏيکاريون اڄ ن ڏسي سگهو ٿا.

سومرو: توهان گرفتار گهڻا دفعا ٿيا آهيو؟ ۽ ڪيترو وقت توهان جيل ۾ گذاريو آهي؟ پهريون دفعو توهان ڪڏهن گرفتار ٿيا؟

جتوئي: مان ڀانئيان ٿو ته ١٩٥١ع ۾. اهو سورو رڪارڊ ڏادن وٽ آهي. ڪڏهن گرفتار ٿيس، ڪڏهن آزاد ٿيس. ڪورٽن آزاد ڪيو يا گورنمينٽ آزاد ڪيو.

سومرو: اٽڪل روءِ گهڻا سال توهان جيل ۾ گذاريو؟ رف ٽوٽل.

جتوئي: پنج سال کن ٿي ويندا.

سومرو: توهان تي جيڪو ڪوئيٽا ۾ ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هليو، انهيءَ جي باري ۾ تمام گهٽ معلومات ملي آهي. ڇو ته اهو مارشل لا جي وقت ۾ هلايو ويو هو؟

جتوئي: انهيءَ ۾ جيڪو مون بيان ڪورٽ ۾ تيار ڪري ڏنو هو. قاضي عيسيٰ کي، قاضي عيسيٰ وٽ اهو اٿو. ان چيو ته هي بيان توهان کي وڌيڪ ڦاسائيندو. پر اتي به مون دليرانه نمونو ڏيکاريو ۽ ججن کي انصاف لڳو ته، پاڻي ڪورٽ مارشل ۾ آهي چاهي!

جتوئي: هڪڙو سنڌي هو، محمد علي خواجه. ٻيو جو سنڌي سول جج، اهو ٻڌائي سگھندو منهنجي روبي جو. اهو هاڻي ڊپٽي ڪليڪٽر آهي.

سوڍو: اهو ڪهڙي سلسلي ۾ ڪيس هليو ۽ تنهن ۾ توهان کي ڪيتري سزا ملي هئي؟

جتوئي: ٣ سال سزا ملي، Unjust Land taxation in Snid جي بنياد تي ڪيس هليو.

سوڍو: تنهن ۾ توهان ٽئي سال ڪاٽي آيا؟

جتوئي: ها.

سوڍو: جيڪو ان ڪيس ۾ توهان بچاءُ پيش ڪيو، تنهن ۾ مکيه ڳالهيون هونديون، Unjust Land taxation in Snid انهيءَ ۾ تقريباً اوهان جيڪا ليگل اسٽئنڊ ورتي، ممڪن آهي ته اها قاضي عيسيٰ کان نه ملي سگهي. اوهان جيڪو بچاءُ تيار ڪيو هو، اهو مختصر ٻڌايو؟

جتوئي: مون چيو، "مان جيڪي چيو آهي، اهو سڀ سچ آهي ۽ منهنجو بصفايت ان جو ثبوت آهي. مون انگ اکر ڏنا آهن. جيڪي مون روينيو بورڊ جي ميمبرن کان حاصل ڪيا آهن. جيڪڏهن مون ڪا ڳالهه غلط چئي آهي ته مون کي سزا ڏيو. مون آفيسن، دفتري رڪارڊ ۽ گزيٽ تان انگ اکر ورتا آهن. مون ڪو ڏوه ڪونه ڪيو هو. اهو منهنجو بچاءُ هيو."

سوڀو: ڇا ڪي صفائي جا شاهد هئا؟

جي.ڏي: جنهن اهو ڪتاب سائيڪلو اسٽائيل ڪيو هو، انهيءَ کي گهرايو ويو هو ڪراچي مان، ٻيو به هڪ ٻه هو. انهن ڏيکاريو ته مان ان جو ليکڪ آهيان. سو ته مون قبول ڪيو هو ته، مون لکيو آهي. جيڪڏهن ان کي ڪوڙي ڪرڻ جا ڪي امڪان هئا ته ان لاءِ هنن ڪجهه شاهد پيش ڪيا.

سوڀو: توهان جي ذهن ۾ ڪجهه، آئيندي جي لاءِ پروگرام آهي؟ جيڪو جيڪڏهن توهان کي وڏي حياتي ملي ته، توهان پاڻ عمل ۾ آڻيندو، ۽ جيڪڏهن ٻيا دوست جيڪي آهن، جن کي به توهان چاهيندؤ ته انهن مان ڪجهه رهبري ملي ته، اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن. جن تي توهان زور ڏيڻ چاهيندا ته اسان جا دوست، ساٿي، همدرد انهيءَ تي هلي عمل ڪري پهرين هاري ڪاميٽي جي تحريڪ کي مضبوط بنائڻ ۽ ٻيو عام طرح اوهان جو سنڌين لاءِ ڪهڙو پيغام آهي؟

جتوئي: هاري ڪاميٽي ڏي منهنجو آهي ۽ ڪميونسٽ ڏي به اهو آهي واءِ سواءِ With all ramifications قوم جي لاءِ هي آهي ته اسان سنڌ ۾ ماڻهن کي هڪ خاص تهذيب ۽ ثقافت آهي، جا مان پنجاب يا بنگال يا ٻئي هنڌ ڪو نه ڏسان. جنهن جا مکيه اصول ڇا آهن؛ اهي مون پنهنجي شعر ۾ به آندا آهن.

پاڻ آ پنهنجو هر انسان، پنهنجو آهي هي ايمان،
پنهنجو آهي هي اسلام، جيئي هند جيئي سنڌ!

هڪڙو مصرع انهي ۾ هي چيو هو ته:

جيئي هند ۽ جيئي سنڌ، جيئي جيڪو مٿو هر هنڌ،
پنهنجو آهي هــي پيغام، جيئي سنڌ جيئي سنڌ!

انهيءَ مصرع تي مون کي ۹ مهينا جيل ڀوڳڻو پيو. سپريم ڪورٽ به چيو ته انهيءَ مصرع ۾ ڪا اعتراض جوڳي ڳالهه ڪانهي. دعا ڪئي اٿس. هنن چيو ته هن مان مطلب آهي اکنڊ ڀارت. مون چيو ته اکنڊ ڀارت نه آهي. مون سڄي دنيا کي دعا ڪئي آهي ۽ هند به انهي دنيا جو حصو آهي. باوجود هن ڳالهه جي ته هند سان اسان جا اختلاف آهن، پر تڏهن به هند جي ماڻهن کي خبر هئڻ کپي ته سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو آهن، جي انهن ڳالهين جي هوندي به، اسان ڏي دعائون موڪلين ٿا. هي دوستي جو پيغام آهي. مان انهيءَ ڳالهه جو قائل آهيان ته هندستان سان دوستي سان هلڻ منجهان وڌيڪ فائدو آهي. بنسبت لڙائي ۽ هند دشمني جي.

سوال: ڪڏهن ڪڏهن دبيل لفظن ۾، ڪڏهن ڪڏهن کلي طرح پڌرن ۾ آيو آهي ته ڪي ڪي حلقا جيڪي سنڌ جا خيرخواه نه آهن. اهي پيا چوندا آهن، ته اسان سنڌين جي اها حالت ڪنداسون، جيڪا

ريبداندينس جي آ ريڪين ڪئي هئي . ان باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

جهوڻي: تاريخ ڏيکاري ٿي ته وڏيون وڏيون قومون به وقتي تباهه ٿي ويون آهن. مصر جو ملڪ جو ڪنهن وقت وڏي تهذيب جو مالڪ هو، سائنس جو علمبردار هو. اڄ اهي مائهو ميدان ۾ ڪونهن. يونان جو ملڪ، جنهن دنيا کي پاڙهيو، سقراط، ارسطو، پليٽو اهي نه رهيا آهن. انهن جي ثقافت زنده آهي . اسان به انهن جا احسانمند آهيون . پر يونان هن وقت ٿرڊ ڪلاس ملڪ ٿي ويو آهي . باقي ريبداندينس سان تشبيهه ڏيڻ بيوقوفي آهي. ريبداندينس، انهن جو هڪڙو جهالت جو مقابلو هو سائنس سان ، ريبداندينس ويچارا صفا جاهل هئا. هنن کي ڪا خاص تهذيب ڪانه هئي، ۽ پڙهيل مائهن وٽي اتي قبضو ڪيو. اهو ضرور ٿيندو آهي ته اعليٰ تهذيب پاڻ کي مڙهڻ شروع ڪندي آهي زور لڳائيندي آهي، دٻاءُ ڪندي آهي، انهيءَ ڪانسواءِ بيو چارو به ڪونهي. اسان سان اها ڳالهه ڪرڻ حماقت آهي. ڪا طاقت پنجابي هجن يا ٻيا ائين نه تا چئي سگهن ته اسان جاهل آهيون ۽ توهان کان متانهان نه آهيون . اسان ۾ سجاڳي گهٽ آئي آهي ۽ وڌيڪ ايندي رهندي ۽ اميد آهي ته اسان زنده رهنداسين.

We shall survive all the mean affression that any people or combination of people threaten to practice against us, So I have no such fear.

سوال: توهان کي ڪو خاص پيغام سنڌين جي لاءِ، هارين جي لاءِ يا ڪن خاص مخصوص دوستن جي لاءِ هجي ته اهو توهان ڏيو؟

جتوئي: منهنجو پيغام اهو ئي آهي، جيڪو ڪجهه، مان پاڻ ڪري رهيو آهيان. Dare, Descipiline, Vigilance, hard work هي آهي انهيءَ "آزادي قوم" منجهان هڪڙو مصرع سون موڪليو هيو اخبارن ۾.

سنڌي فرزند اٿـي زور نظـر پيدا ڪر،
جو وجهي ٿـرٿلو دنيا ۾ اثـر پيدا ڪر،
نئون چراغ، نئون خورشيد و قمر پيدا ڪر،
نئون گلزار ۽ هيڪار ۽ ڪر پيدا ڪر،
جو انهيءَ سان ٿي همراز آ آزاديءَ قوم!

هي ته وڏو سوال آ تورن لفظن ۾ ڪيئن آڻي ڏکيو آهي. تازو هي جو مان جيل مان نڪتس تـه خوشي ٿي جو ڏاڍي پڪي شاگردن ۾ سيني ۾ ڏٺم، ۽ جتي جتي مون جلسا ڪيا، تلهار ۾، ٽنڊي باگي ۾،

به لوڙهان ڏ-و، جو جنهن مقصد لاءِ مون حڪم ڪيو
اهو به تڪليف نه ڪري.

سوپو: توهان جي ڪا آخري خواهش؟

جتوئي: چو مران نه چا؟ Don't feel like dying.

سوپو: Trenendous ........

جتوئي: مڙئي مذاق ۾ جواب ت-وهان کي ڏنم. منهنجي خواهش جي حد ڏي ڪانهي. ڪهڙيون پڌايانو ڪهڙيون نه. چڱو منهنجي خواهش آهي ته مون سان وينا رهو.

سوپو: هاڻ جڏهن معشوق جو ذڪر نڪتو آهي ته توهان جو شادي شده زندگي تي جيڪو Attitude آهي. ان تي روشني وجهو. ت-وهان کي خبر آهي ت-ه اسان ج-ي ملڪ ۾ عام طرح ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ مرد جيڪي آهن، سي هڪ زال سان وفادار نـه رهندا آه-ن؟

جتوئي: مان ڪڏهن ب-ه ڪنهن عورت سان عشق نه ڪيو آهي. ڇوڙي ڪالهج ۾ ڇوڙي هوندس. شعر ۾ به اُئين عشقيه مضمون کي مجازي طور. منهنجي زال اڻ پڙهيل هئي. جڏهن مان شادي ڪئي، چار سال اسان کي اولاد نه پيو ٿئي. بابا مون کي چيو ڏگري ۾ (جتي مان مختيارڪار هوس) بابا تنهنجي پي شادي چو نه ڪرايان جو اولاد نـه ٿو ٿئي؟ مون چيس بابا ت-ون منهنجو پيءُ آ، تنهنجو مون سان پيار آهي ۽

منهنجو به تو سان پيار آهي. ڪو بيو ماڻهو ڇني ته مان وڌي پوانس. اها ڳالهه وري نه ڪجانه، مان شادي وري نه ڪندس. جي اولاد ٿيو ته به، ان مان نه ٿيو ته به پرواه ناهي. زال سان پيار بابت سچ جي جمل ۾ هڪڙو شعر لکيو هيو "مصطفيٰ ماءُ" پڙهيو اٿو؟

سوير: ها! ان جا ڪجهه بند پڙهيا آهن. اوهان ٻڌايو.

جتوئي: بس، اهو پڙهندؤ ته اوهان کي خبر پوندي ته مون شاعر جي حيثيت ۾ پنهنجي گهر واريءَ کي ڇا سمجهيو. هڪڙو مصرعو آهي:

اي "حيدر" گيت پنهنجي زال جا ڳاءِ!
تون ڪجهه غالب کي، شهراريءَ کي شرماءِ!

---

(هي انٽرويو، "سنڌي پبليڪيشن" ڄامشورو جي "حيدر نمبر" آگسٽ ۱۹۷۳ع جي پرچي تان ٽورن سان ڪٽيو ويو آهي.)

# حيدر بخش جتوئي

— جي ايم سيد

هي بکو ديرو ضلعي لاڙڪاڻي جو وينل بلوچن جي جتوئي پاڙي مان آهي. هي ۱۹۰۱ع ڌاري ڄائو، ۽ ابتدائي سنڌي تعليم ڳوٺ ۾ ورتائين. ثانوي تعليم مدرسة الاسلام لاڙڪاڻي ۽ هاء اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ورتائين، جتان سن ۱۹۲۳ع ۾ هن مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ ڊي - جي - سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿي سن ۱۹۲۷ع ۾ بي، اي پاس ڪيائين.

ان کانپوءِ هي روينيو کاتي جي ملازمت ۾ گهڙيو. ٿوري وقت کانپوءِ مختيارڪاري جي درجي تي پهتو. اسڪول جي ڏينهن کان هي شعر ۾ طبع آزمائي ڪندو هو، جڏهن سنه ۱۹۳۱ع ۾ بدين جو مختيارڪار هو، تڏهن هن هڪ ڪتاب "تحفهٔ سنڌ" شعر ۾ لکيو، ڇپايو، جنهن ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال جي شڪوي جي طرز تي شعر لکيل هو. ان جي ڇپجڻ تي اخبارن ۾ ملن مولوين طرفان هن جي گهڻي مخالفت ٿي، پر ان ڪري ڪافي مشهوري به ٿيس. هڪ پيري دادا

چيئمل پرسرام ساڻ هن جي ملاقات ٿي، تڏهن سنڌس اڇي ڏاڙهي ساراهه ڪئي، جي هڪ نهايت عمدن خيالن ۽ اوچي طبيعت جو نوجوان ڏسي آيو آهيان! آخر ترت ئي منهنجي حيدرآباد جي ٿياسافيڪل سوسائٽي هال ۾ ساڻس ملاقات ٿي. اتان کيس خواجه حسن جان صاحب سرهنديءَ وٽ وٺي ويس، جن کي مون عرض ڪيو ته، "هن نوجوان شاعر کي ڊاڪٽر اقبال جي شڪوي جهڙي شعر تي ماڻهن تنگ ڪيو آهي، ان ڪان اوهان مهرباني ڪري سنڌس جان آزاد ڪرايو" ته گفتگو ٿيڻ بعد، معاملو سڌرڻ بدران مرڳو وڌيڪ منجهي پيو. آخر وجهه وٺي، هن کي واپس موٽائي آندم". مذهبي ماڻهن جي ڪٽرپڻي خلاف هن تي ان کان اڳ اثر ويٺل هئا يا نه، ان جو پتو ڪونه آهي، ليڪن منهنجي سمجهه موجب ان ملاقات کيس ظاهر مذهب کان گهڻو بيزار ڪري ڇڏيو.

هي ڪجهه وقت کانپوءِ، سرڪاري نوڪريءَ ۾ ترقي ڪندو وڃي پڪي ڊپوٽي ڪليڪٽر جي درجي تي پهتو. ڪتابن پڙهڻ جو هن کي ڏاڍو شوق هو. انهيءَ عرصي ۾ هن مختلف مسئلن تي چڱو مطالعو ڪيو. سندس زندگيءَ تي ڪهڙين ڳالهين رد عمل آندو، ڪهڙا ڪتاب ۽ ماڻهو مٿس اثر انداز ٿيا، انهن جي کوجنا بذات خود هڪ دلچسپ مطالعو ٿيندو. انهيءَ تفصيل ۾ وڃڻ هن مضمون جو موضوع نه آهي،

ليڪن جيڪڏهن سنڌ جي حياتيءَ تي سراسر نظر وجهبي ته معاملو اٿين ٿيندو ته زميندار طبقي جي ظلم، عياشي ۽ عوام کان سندن بي اتفاقيءَ، ڪامورن جي رشوت - خوريءَ ۽ خود مطلبيءَ، انگريزن کان آزادي لاءِ لڙندڙ نوجوانن تي حڪومت جي سختيءَ، ملن طرفان دين کي تنگ دائري ۾ محدود ڪري ڇڏڻ جي هوڏ، هن تي گهڻو اثر ڪيو ٿو ڏسجي. آخر دنيا جي نئين پيدا ٿيل حالات، ڪتابن جي مطالعي ۽ حساس دل کڻجي ڪيس زندگيءَ ۾ انقلابي قدم کڻڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ باوجود دوستن جي روڪڻ جي هن ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿان سنه ۱۹۴۳ع ۾ استعفا ڏيئي ڇڏي.

هي غريب گهر جو ماڻهو هو، نوڪريءَ جي زماني ۾ ايماندار رهي ڪري پئسو گڏ ڪري نه سگهيو هو. نوڪري کان ٻاهر نڪرڻ بعد، جي مشڪلاتون سامهون اچي واريون هيون، انهن جي پرواه نه ڪيائين. بقول شاعر:

جنهن کي تار لڳي پيار جي،
سا ڪيئن ڪندي گهر ٻار جي!

دادا چيتمل، شيخ عبدالمجيد، جمشيد ميهتا سان گڏ اسان ۱۹۳۰ع ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو بنياد وجهي چڪا هئاسون. پر ڪابه تحريڪ، پڪي پايي تي اچي نه ٿي سگهي، جيستائين ان لاءِ مخلص ماڻهو

پنهنجون زندگيون وقف نہ ڪن، اسان مان جا گهڻا ڳالهين ۾ هٿ ڦاڙيل هئا. ان وقت ملڪ ۾ ٻن سياسي جماعتن جو دور دورو هو. (١) ڪانگريس ۽ (٢) مسلم ليگ شهرت ۽ طاقت انهن جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ها، پر حيدربخش ڏسي وائسي هاري جماعت جو ڪم هٿ ۾ کنيو، جا ان وقت مخلص ڪارڪنن جي گهٽتائيءَ ڪري نيم مرده حالت ۾ پيئي هئي.

ان وقت هن "آزادي قوم" نالي هڪ مخمسه شعر جو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ هن سنڌي شعر کي وقت جي تقاضا مطابق نئين لباس پهرائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سگهو ئي کيس، سارو وقت هاري تحريڪ لاءِ وقف ڪرڻ جي صلاح ۾، سنڌ هاري ڪاميٽي جو صدر چونڊيو ويو. حيدرآباد ۾ جاءِ ورتي، اتي سنڌ هاري ڪاميٽي جي آفيس کوليائين. "هاري حقدار" نالي هفتيوار اخبار ڪڍڻ لڳو. پيسي جي گهٽتائي، روزگار جي تنگي، هم خيال ۽ هم نوا دوستن جي ڏورائي، هن جي عزم ۽ استقلال کي جهڪو ڪري نہ سگهيون. آهستي آهستي ڪري هو سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۾ هڪ مستقل مقام حاصل ڪري ويو، ۽ ڪامريڊ حيدربخش جي پياري نالي سان مشهور ۽ مقبول عام ٿي ويو.

پر تي پورا هو سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ اميدوار بيٺو پر پئسي جي گهٽتائيءَ، عوام ۾ سياسي شعور جي کميءَ، عملدارن ۽ زميندارن جي غنڊاگردي وغيره، سبب ڪري ميمبر چونڊجي نه سگهيو. اسيمبلي ۾ نه چونڊجڻ ڪري کيس ڪري ذاتي نقصان ڪونه پهتو، پر عوام کي پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ جيڪو ڪم حيدربخش جتوئي ڏئي ها، اهو ڪو پيو اسيمبليءَ ۾ کين ڪوبه ڏيئي ڪونه سگهيو.

سنه ۱۹۳۵ع ۾ ون يونٽ ناهڻ وقت هن ان جي خلاف ڪتاب لکيا، احتجاجي آواز بلند ڪيو، ٺهراءِ پاس ڪرايائين، ۽ ان جي عيوض اسان سان گڏ کيس جيل ۾ موڪليو ويو. پر هن جي همت ۽ استقلال ۾ ڪابه ڪمي پيدا نه ٿي. عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هن جنون وانگر هرهنڌ جلسا ڪري تقريرون ڪيون، ڪوٺن ۾ ويو. بعض وقتن تي گاڏي ۾ سوار ٿيڻ بعد هڪ گاڏي ۾ تقرير ڪري ورتي، اتان لهي ٻي گاڏي ۾ چڙهي دوائن وڪندڙ پروپگنڊسٽ وانگر قرندو رهندو هو. هيءُ ڊپوٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رهي چڪو هو. اهي انگريزي ملازمت جا عهدا ماڻهن کي اهڙي فرعونيت جي هوا دماغ ۾ ڀري ڇڏيندا آهن، جو اهڙن عهدن وارا جڏهن پينشن تي ويندا آهن، ته به عوام سان ملڻ ۾ عيب سمجهندا آهن، پر عوام جي عشق ۾ ڪامريڊ حيدربخش نه صرف

عهدي کي لت هڻي ڇڏي، پر ان مان پيدا ٿيندڙ هر ڳالهه کي ڦٽو ڪري ڇڏيائين. اڃان تائين به جڏهن ڪي ڪاسورا کيس چوندا آهن ته "هن وقت، نوڪريءَ ۾ هجين ها، ته سينيئر ڪليڪٽر يا ڪمشنر جي عهدي تي هجين ها، نا حق انهن ماڻهن لاءِ پنهنجو مستقبل خراب ڪيئي، جن وٽ تنهنجو قدر نه آهي." ته هن جو جواب اهو هوندو آهي ته "منهنجو مستقبل قوم جي مستقبل کانسواءِ ڪجهه نه آهي. جيڪي ڪيو اٿم ان تي، باوجود مشڪلاتن جي، خوشي اٿم، ارمان ڪونه اٿم."

هن وقت ملڪ جا ڏسڻا وائسڻا ماڻهو معمولي لالچ خاطر ملڪ ۽ ماڻهن جو مفاد ۽ عزت وڪڻڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن. ائين ڪندي، هنن کي ضمير جي ڪابه ڇهنڊڙي ڪانه پوندي آهي، بلڪ ان بيعزتيءَ تي فخر ڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ان قحط الرجاليءَ جي زماني ۾ هڙن مرد مجاهدن جو قوم ۾ پيدا ٿيڻ، جي سراسر قربانيءَ ۽ ايثار جا مجسما آهن، اها وڏي غنيمت آهي.

هن زباني تبليغ کانسواءِ مختلف ملڪي، اقتصادي ۽ سياسي مسئلن تي، وقت جي ضرورت مطابق، نهايت عمدا مضمون، پمفليٽ ۽ بوڪليٽ ڇپائي يا سائيڪلو اسٽائل ڪرائي، ڀڻي ورهايا آهن، جن مان اڪثر ضبط ٿي ويل آهن ڪن جي لکڻ ڪري هن کي سزا آيل

آهي. پر سنڌي ۾ چوڻي آهي ته، "ڪوري ڪيڻن، جي ويسرون وير وڌ!" ڪامريڊ حيدربخش ڏينهون ڏينهن زور آهي.

مارشل لا ملڪ سان لاڳو ٿيڻ بعد گهڻن ڪارڪنن جا ماڻا ٿي ڏرا ٿي ويا. هن کي ٠٠ جيل موڪليو ويو. چوڻ بعد هڪ پمفليٽ سنڌ جي ڏيان ۾ لکيائين. کيس ٽي سال سزا آئي. مرد ٿي ڪمائي آيو. تازو پڙهڻ ۾ آيو آهي ته پنهنجي نقطي نگاهه کان قرآن شريف تي ريويو لکيو اٿس. پاڪستان جهڙي مذهبي جنون واري ملڪ ۾ جتي تنگ دلي ۽ ڪٽرپڻو حد درجي تي پهتل آهي، اتي اهڙي تصنيف ڇپجڻ وسا پڙهڻ برداشت ٿي سگهي يا نه؟ مون ڪتاب نه پڙهيو آهي، نه ڏٺو آهي. پر جيڪي ڪجهه ٻڌو اٿم، ۽ سندس پوين تصنيفن مان جيڪي معلوم ٿئي ٿو، ته اهو ڪتاب ضرور بي مثل هوندو، جنهن جي لکڻ ۾ ٽي چار سال لڳايا اٿس.

(هي مضمون ادبي بورڊ جي ڇپايل ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" مصنف: جي ايم سيد، تان ٿورن سان ورتو ويو آهي.)

# حيدربخش جتوئي

— احمد ٻروهي

جڏهن زمين تي جهيڙو جهڳڙو ۽ دنگو فساد ٻرپا ٿيو ۽ ڏيهه وارن جون ڏاڍايون ڏنگايون ليڪو لنگهي ويون، تہ ڌاتر ڌڻي پنهنجي مخلوق تي قهر نازل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. طوفان آڻڻ کان اڳ ۾ نوح نبيءَ کي بشارت ڏنائين، تہ ٻيڙي ٺاهہ. پوءِ ساهہ وارن جو جوڙو جوڙو هيڪو ڪري ٻيڙيءَ ۾ سانڍ، جيئن ٻوڏ پنهنجو ڪم ڪري بيهي. نوح نبي جي ٻيڙي وڃي وري ٻوهر ٽڪري تي وڃي ٽڪي، نہ تہ جڳ ۾ نہ هجي ها ڪو بني بشر، ٻيو ڏکيو پيا نہ ورهي ڪو جيت جڻيو. طوفان نوح ڪاڻ پوءِ بہ پنهنجي اعمالن جي شامت سبب، آدم جي اولاد تي وقت بہ وقت هر دور ۾ ۽ هر هنڌ ڪيتي لحظا لنگهيا ۽ آنڌيون مانڌيون رهيون. پر ڪو نہ ڪو الله جو بندو، نوح نبي جي نقش قدم تي هلي، بيوسلين جو ٻرجهلو ۽ اجهو آسرو ٿيندو رهيو. اسان واري سدوري صديءَ ۾، سنڌ اندر جي سياسي ۽ سماجي سيلاب آيا، انهن ۾ هارين جو

همراه جو امان اکين ڏٺو ۽ پسيو ۽ جنهن سر ڏڙ جي بازي لائي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي ڪنارو ڏنو. اهو هيو حيدربخش جتوئي.

حيدربخش جتوئي ڏوڪريءَ جي ڀراڙي جو ٻروچڪو پار هيو ۽ ٻکو ديرو جي غريب گهراڻي جو چشم و چراغ هيو. ڏاڍا ڪشالا ڪري پڙهيو. پڙهي پاس ڪري، روينيو کاتي ۾ نوڪريءَ چڙهيو. ڪلارڪيءَ مان ترقي ڪندي، ڪاردار ٿيو ۽ پوءِ ترت ڊپٽي ڪليڪٽر جي پد ويءَ تي وڃي پهتو. انهن ڏينهن ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيڻ وڏي ڳالهه هئي. هونئن به سرڪاري نظام ۾ "پاور" هميشه هيٺين ڏاڪي وٽ ڏٺو ويندو آهي. شايد گهوري هٿ ڪري ترو وڌندو آهي! جيئن زمين تي حڪم تپيدار جو، پاڻي تي داروغي جو ۽ هوا ۾ جهنڊو ۽ ڏنڊو پوليس جو ڦڙڪندو ۽ وسندو رهندو آهي ۽ نه گورنر يا صدر جو. اهي ته وچارا پاڻ به پوليس جي پناهه ۾ ڏٺا ويندا آهن. ان حساب سان حيدربخش وچولي درجي جو عملدار هيو، پر تڏهن به حاڪم هيو. جڏهن ان عهدي تي رسيو ته ڪيس اندر ۾ اهو ئي اشارو ٿيو پر ابتو، ته "ٻڏل ٻيڙيءَ کي بچاءِ! جا هن ٻيري وڏيرن ٿي ٻوڙي." حيدربخش ڏوڪريءَ سان ناتو ٽوڙي اچي ٻڏندڙ ٻيڙي کي آڪاري پار ڪيو ۽ پوءِ سندس وانجهي ٿي وڃي رهيو. سموري عمر انهيءَ پتڻ کي پار پهچائڻ ۾ سوڙهائيون.

اکين آڏو هئا، جڏهن فصل پچي راس ٿي ٿيو ۽ هاري
لاب لاهي، واٽر ڪري، ان اڃو اجرو ڪري ڍڳ ۽
ڍير ٿي ناهيا ته وڏيرو پاڻ ۽ پنهنجي خليفن، منشي،
ڌاڙوائي ۽ دلال ساڻ، الاجي ڪٿان ٿي اچي سهڙيو.
بٽئي بعد جڏهن ليکو ٿي ڪٿايو ويو ته ڪڙمي ٻارن
ٻچين وڏيري وٽ گروي! وڏيرن جي وڏيڪ پرڪارن
جي خبرچار حيدربخش کي تڏهن پيئي جڏهن نوڪري
جي ناتي ۾ سندن نزديڪ آيو ۽ سندن اصلي نوراني
صورت ۽ سيرت جو ديدار ڪيائين.

چوندا آهن ته جڏهن لولو هليو حج تي ڪانئون
چيو ته اسان سري ته ڪين ويا آهيون، ويندو ڪٿي.
اجهو ٿا ڪيس ڳڙڪايون. جڏهن هاري ڪاميٽيءَ جي
واڳ سنڀالي حيدربخش هاري حقدار جو نعرو بلند
ڪيو ته وڏيرن ۾ ٺهڪڙو پيو ته هاڻي نوڙهي هلي آ
ڳوٺ ٻڌن. ڪيس چريو ۽ ٻوڪ سڏيو ويو. هڪ ته
حاڪماڻي نوڪري کي لت هڻي هئائين. ٻيو وري
هارين سان حمايت جي حماقت ڪئي هئائين. سڄڻ
سڱڻ سان ڪا سنگت ٿيندي آهي ڇا؟ باقي چرين کي
ڪي سڱ، ٿورو ئي نڪرندا آهن! سرڪار نامدار ته
اڳئي وڏيرن وڏ ڏٿين جي هئي. سرڪاري عملدار سدائين
ايرندڙ سج جا پوڄاري، ملن جيان مرڻو ٻس ڪائن ۽
پرڻو ٻه. پيچندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پٺ ۾.
باقي رهيا دين جا دڪاندار، اهي ته آهن، هر هميشه

حڪومت جي سرپرستي ۾ سيني ناني وڏيري ڏاڍي، هاري ۽ سندن حمائتين جي ڪِڏ هٿ ڌوڏڻ لڳا. ڪوڙا ڪيس ۽ پوليس ڪارروايون هڪ طرف ته، ساڻن جي اڻ ڀهائيندڙ عقوبتون ۽ تعديون ڪيون ويون اهي الڳ. ميرو خان جي اليڪشن ۾ نه فقط هاري ليڊرن تي بيچ ڪرائي مٿن لٺيون بانا پڳا ويا پر سندن ٽئڪسين جا ڏاڍ ر پنچر ڪري ڪين رڻ ۾ روليو ويو. محض هن لاءِ جيئن ناميئيشن پيپر نه ڀري سگهن!

حيدربخش نه همت هاري ۽ نه پنهنجي ڪوشش ۾ ڪا ڪمي آندي. هن ڏس ۾ عقل کان وڌيڪ ڪيس پروپيگنڊو ضد کم آيو. مڇي مڙس تي ٻيٺو. ڇي مرويسون پر آڻ نه مڃيسون. ڏناڻون ته وڏيرن جي جماعتي جوڙجڪ ۽ بندوبست جنگي سطح تي مضبوط ۽ سخت هيو. ڪين شڪست ڏيڻ ڪا آڪ جي ماڪي ته لاهڻي نه هئي. گهڻي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ حيدربخش پروگرام رٿي هاري تحريڪ کي نئون رخ ڏنو. هو هيءَ ته تقرير ۽ تحرير جي پرچار رستي وڏيرڪي نظام کي بي نقاب ڪري ڪيس عوامي عدالت جي ڪٽهڙي ۾ گهليو وڃي، جيئن ”عام راءِ“ هاري جدوجهد جي حق ۾ ٿئي. ٻئي طرف واتي ويٺي ڪچهرين ۽ گڏجاڻين ذريعي هارين ۾ پنهنجن حقن لاءِ سياسي شعور پيدا ڪيو وڃي. چاڪاڻ ته جيئن غلامن جو واپار بند ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏي مخالفت خود غلامن

جيل موڪلو ۽ سنڌ موسم جو خاص خيال رکيو ويندو هو. گرميءَ ۾ لاڙڪاڻو يا جيڪب آباد جيل ۽ سياري ۾ ڪوئيٽا جو مچ جيل.

هاري تحريڪ کي ناڪام بڻائڻ لاءِ وڏيرن جي طريقا استعمال ڪيا، انهن ۾ هڪ هي به هيو ته سياسي پليٽ فارم بجاءِ مذهبي ميدان تي جنگ جوٽي وڃي. جا هڪ ڪريل حرڪت هئي. هاري ليڊرن ۽ ورڪرن تي بي دين ۽ لامذهب هئڻ جا الزام مڙهيا ويا جن ته وڏيرا پاڻ دين جا ٺيپا ۽ قطب رباني هئا. ان زهريلي قسم جي پروپيگنڊا اڳتي هلي هاري تحريڪ لاءِ وڏي رڪاوٽ ۽ رنڊڪ پڻ ثابت ٿي. ڇاڪاڻ ته دين جي جي دڪاندارن جون همدرديون به وڪرو ٿي وڏيرن حوالي ٿيون هيون.

آخر ويهارو ورهين جي اڻٿڪ ۽ لڳاتار جدوجهد وڃي هٿ هنڌ ڪيو ۽ مظلوم طبقي جي مزدورن ۽ هارين ۾ سجاڳي جي لهر پيدا ٿي. ون يونٽ واري زماني ۾ ماڻهن جون اکيون ته سنڌن سچا ساٿي ۽ گهڻگهرا ڪير هئا، ڇاڪاڻ ته سنڌ جا سياسي بازيگر هن دور ۾ لڏي وڃي هاڻ لاهوري ٿيا هئا. ون يونٽ خلاف ويڙهه ۾ حيدربخش جتوئي ۽ سندس هاري ورڪرن سر تريءَ تي رکي ۽ قربانيون ڏنيون، سنڌ جي ماڻهن جي حقن جي حفاظت ڪئي. جڏهن ون يونٽ جي ٽٽڻ جو اعلان ٿيو ته حيدربخش بيماريءَ جي بستري تي

هيو ۽ جنهن ته انهي خوشخبري ٻڌڻ جي انتظار ۾ هيو.
٢١ مئي ١٩٧٠ع تي سنڌ جو هي بهادر سپاهي، عاشق
سنڌ، باباءِ سنڌ ۽ هاري انقلاب جو ڏيئو هميشه لاءِ
وسامي ويو. اڄ حيدربخش جتوئي اسان وٽ موجود نه
آهي پر سندس روح جي لاٽ هر هموطنيءَ جي دل ۾
روز روشن آهي.

وڃڻ جو وقت اچي ويجهو ٿيو آهي. هاڻي پنهنجي
موڪلائي- هرڪو پنهنجي واٽ سان- اوهان جيئڻ ڪاڻ
۽ آءٌ مرڻ واسطي ڪهڙي راهه بهتر آهي؟ اها خبر
خدا کي". (سقراط)

* * *

(روزانه هلال پاڪستان ڪراچي جي ٢٧ مئي ١٩٨٢ع
جي پرچي تان نورن سان کنيو ويو).

# مظلوم سنڌي عوام جو سڄڻ

— نور محمد شيخ

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، سنڌ ڌرتيءَ جو هڪ عظيم انسان هو. وڏا انسان ورلي جنم وٺندا آهن. هونئن سنڌ ڌرتيءَ ڪيئي جوڌا جوان پيدا ڪيا پر هن دؤر ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جهڙو جوش، جذبو، پنهنجي ڪاز سان ايمانداري، وطن سان محبت ۽ مظلوم عوام سان همدردي رکندڙ ٻيو ڪوبه شخص نظر نٿو اچي. ڪامريڊ جي عظمت جو راز انهيءَ ڳالهه ۾ ڪونهي ته هو ڪو وڏو محب وطن هو يا اها ڳالهه ته هن مظلوم انسانن جي حمايت ڪئي ۽ ظالمن سان ويڙهه وڙهيائين: ڪامريڊ جي عظمت جو راز فقط هڪڙي ڳالهه ۾ آهي ”پنهنجي اصولن جي سوڀ لاءِ اڻٿڪ جدوجهد“. ڪامريڊ پنهنجي شاگرديءَ جي دؤر کان مرڻ گهڙيءَ تائين هميشه ۽ هر وقت ظلم، ڏاڍ ۽ بي انصافي سان جنگ جوٽي. منهنجي خيال ۾ ڪنهن شيءِ جو احساس ڪرڻ يا سرت رکڻ ڪا خاص ڳالهه ڪانهي. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته پنهنجي احساس يا سرت کي پنهنجن اصولن

ڪامريڊ بيچين ٿي پيو. اهو احساس ڪندي ته دنيا آزادي ۽ آزادي جي اقدار سان محبت ڪري ٿي ۽ ان جي ابتڙ سنڌ جو عوام هيڏي ظلم ۽ ڏاڍ هوندي به بنهه خاموش آهي، ان ڳالهه جو کيس ڏاڍو ڏک ٿيو. هن چاهيو ٿي ته، سنڌ جي مظلوم ۽ ابوجهه عوام ۾ اهڙي ته جاڳرتا پيدا ڪجي جو هو پنهنجن حقن لاءِ پرمار ڪندڙن جي ڳچي ۾ هٿ وجهي اهڙي جاڳرتا ۽ سرت پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري هو ته کين تعليم جي روشنيءَ کان منور ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد لاءِ ڪامريڊ سڀ کان پهريان پاڻ تعليم تي ڌيان ڏنو ۽ اعليٰ تعليم ڏاڍي محنت ۽ حوصلي سان پرايائين. هن ڄاتو ٿي ته سنڌ جي پورهيت طبقي کي زميندارن ۽ جاگيردارن جي چنبي مان صرف تعليم ئي ڪڍي سگهي ٿي. ۽ کين سڌي واٽ ڏيکارڻ لاءِ رهنما ۽ رهبر جو تعليم يافته هئڻ ضروري آهي. هن اعليٰ تعليم پرائي، نئين ترقي پسند سرت ۽ فڪر سان، زمينداري سرشتي جي فرسوده روايتن خيالات ۽ اقدار جي محل تي ڀرپور حملو ڪيو.

ڪامريڊ پنهنجي شاگردي واري دور کان ئي پنهنجي نئين سرت جو اظهار ڪيو. ڪامريڊ پهريون ترقي پسند سنڌي ليکڪ ۽ شاعر آهي، جنهن شروعات کان رجعتي فڪر ۽ رجعت پسندي جي مخالفت ڪئي. چاڪاڻ ته:

”اصل مسئلو مظلوم کي ظالم کان آزادي ڏيارڻ آهي. هن واٽ ۾ ڪا فڪر يا ڪو نظريو رڪاوٽ بڻجي ته کيس ڏاڍيءَ بيپرواهيءَ سان ٺڏي ڇڏڻ گهرجي“

ڪامريڊ سنڌ ڌرتيءَ جو پهريون سپوت آهي جنهن سيڪيولر فڪر کي قبول ڪيو ۽ ان جي تبليغ پڻ ڪئي هن مذهب جي استحصالي ڪردار جي هميشه مخالفت ڪئي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جو زميندار ۽ جاگيردار جيستائين مذهب جي خول ۾ لڪي ظلم ۽ استحصال ڪندو رهندو تيستائين ويچارو هاري اهوئي پيو سمجهندو ته هي سڀ ڪجهه ڪنهن غيبي طاقت جي رضامندي سان ٿي رهيو آهي.

حيدربخش جتوئي، هڪ باضمير ليکڪ ۽ شاعر هو. جڏهن هو پنهنجي قابليت، جي بنياد تي سنڌ سول سروس ۾ ڪامياب ٿي ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي پهتو ته تڏهن به سندس ضمير، احساس ۽ غيرت کيس دوکو ڪونه ڏنو. جڏهن هن محسوس ڪيو ته سندس اهو ڊپٽي ڪليڪٽريءَ وارو عهدو هاري ۽ ٻين مظلومن سان سندس سڌن ناتن ۾ رنڊڪ بڻجي رهيو آهي. تڏهن هو هڪدم ان عهدي تان استعيفا ڏئي، پنهنجي سموري حوصلي ۽ صلاحيت سان مظلوم طبقي جي صفن ۾ اچي شامل ٿيو. ڪامريڊ سڀ کان پهرين هارين ۾ اهو احساس جاڳايو ته: ”هو به انسان آهن“ نه رڳو انسان پر مظلوم انسان، ۽ زميندار، جاگيردار يا وڏيرو هڪ

ظالم انسان آهي. هيءَ ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪاري رات
هاريءَ جو مقدر ناهي بلڪ جيڪڏهن هو گڏجي
جدوجهد ڪن ته هن ظالماڻي ۽ فرسوده سرشتي جون
پاڙون پٽي ڇڏين، ۽ انساني آزادي جي سونهن نعمتن
جو لطف ماڻي سگهن ٿا. هارين ۾ ظلم خلاف نفرت
آزادي سان محبت جي اها مشعل روشن ڪرڻ لاءِ
ڪامريڊ جتوئي ڏينهن رات جدوجهد
۽ محنت ڪئي. هو ڳوٺن ۾ وڃي هارين سان ملندو
۽ سندن مسئلن ۽ حالتن تي ڳالهه ويچار ڪندو هو ۽
پوءِ ڪين مسئلن جو صحيح حل ٻڌائيندو هو، ته ڪهڙي
ريت ان مسئلي کي نبيري سگهجي ٿو. انهيءَ مقصد
لاءِ هن سائي تيار ڪيا؛ دورا ڪري تقريرون ڪيون،
مطلب ته هارين ۾، مظلومن ۾ سرت ۽ جاڳرتا پيدا
ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيائين.

ڪامريڊ جتوئي سن ١٩٤٥ ۾ ”سنڌ هاري ڪاميٽي“
جو صدر چونڊيو ويو. پوءِ مرڻ گهڙي تائين ان ڪاميٽي
جو چونڊيل صدر رهيو. انهيءَ ڳالهه کان اهو اندازو
ڪري سگهجي ٿو ته هو هارين ۾ ڪيترو مقبول هو.
ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ، وقت جي هر انگريز، ايوب
۽ يحييٰ جي خلاف جدوجهد ڪئي. هن ٻنا ڪنهن ڊپ
ڊاءُ جي هميشه ۽ هر هنڌ عوام جي دشمنن تي تنقيد
ڪئي. ان جو نتيجو ٻڌرو آهي ته ڪيس قيد ۽ جيل
جون عقوبتون سهڻيون پيون. هو ڪنهن کان به مرعوب

ڪونه ٿيو، وڪامڻ ته ڪيس ايندو ئي ڪونه، هو. هو پنهنجي وطن ۾ استحصال ۽ ڏاڍ جي خلاف امن، مساوات ۽ سوشلزم جي جنگ جو هڪ جوڌو جوان سپاهي هو ڪامريڊ حقيقي معنيٰ ۾ هڪ محب وطن هو. آخري ڄمار ۾ هڪ لافاني ۽ امر تڪ "جيئي سنڌ" تخليق ڪيائين. اهو تڪ "جيئي سنڌ"، قوم پرستيءَ جي ترقي پسند تصور جو ترجمان آهي. ڪامريڊ اهو تڪ تخليق ڪري، سنڌ جي ڏتڙيل عوام، هاري، مزدور ۽ ٻين پورهيتن سان پنهنجي اٿاهه پريم ۽ قرب جو ثبوت ڏنو آهي. ماڻ ته چوندس، ڪامريڊ کي سنڌ ڌرتيءَ سان پريم ئي نه، پر عشق هو. سنڌ ڌرتيءَ تي بي انصافي، ڏاڍ ۽ ڏمر ڪائنس ڏٺو ڪونه ٿيندو هو. پنهنجي وطن کي ڏاڍ، ڏمر ۽ بي انصافيءَ کان پاڪ ڪرڻ لاءِ، ڪامريڊ اڻٿڪ جنگ جوٽي. پنهنجي مقصد لاءِ جيل ۾ ويو، اوچو عهدو ٺڪرايائين ۽ ٻين تڪليفن جي ته ڪامريڊ آڏو ڪا اهميت ۽ وقعت ئي ڪانه هئي. ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جو پيغام، پاڻ جو پيغام آهي:

"پاڻ آ پنهنجو هر انسان — پنهنجو آهي هي ايمان"

منافقت ۽ ڪيني فتني جي پيٽ ۾ محبت جا اقدار سارا هيا اٿس:

"ڪينو فتنو ٿي برباد — قرب محبت زنده باد
پنهنجو آهي هي ايمان — جيئي سنڌ جيئي سنڌ"

ڪامريڊ ڌرتيءَ تي، نفرت ۽ بي انصافيءَ کي ڪڍڻ

بہ پسند ڪونہ ڪيو. هن چيو تہ سچي انصاف پسند ۽ انسان دوست گڏجي جدوجهد ڪن ۽ نفرت ۽ ويڇن جي انهن ڀتن کي هڪدم ڊاهي ڇڏين. ڪامريڊ مذهب جي بنياد تي انسان کي انسان کي جدا ڪرڻ جي رت کي ننديو آهي:

"بي انصافيءَ جو بنياد — ٽٽي نابود ۽ ٿئي برباد"

ڪامريڊ، جڏهن "جيئي سنڌ" جو نعرو هنيو تہ ان جو مطلب هو "جيئي پورهيت عوام جي خوشحال سنڌ"

جيئي هاري ۽ مزدور — جيئي هاريائي پرڏور،
پورهئي اندر صبح شام — جيئي سنڌ جيئي سنڌ"

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، سنڌ ۽ سنڌي عوام جي ويرين، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن، ميرن پيرن ۽ وڏيرن کي خطاب ڪندي چوي ٿو تہ:

"سنڌ جا دشمن! ڇڏهي جور — دور! هي جور جو بيڙو دور
سنڌ کي مار نہ بي الزام — جيئي سنڌ جيئي سنڌ"

سنڌ جي عوام سان بي انصافي ڪندڙن، ظالمن ۽ آمرن کي، سندن عاقبت ياد ڏياريندي چوي ٿو:

"پورڙا! سنڌ جو پڌ فرياد — ڪم ٿي وڃا ڪيئي تعداد
ڪيئي نام ٿيا گمنام — جيئي سنڌ جيئي سنڌ"

اڄ جي سنڌي ليکڪن، شاعرن، دانشورن ۽ فنڪارن لاءِ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي هڪ عظيم مثال آهي. ڪامريڊ نہ ڪڏهن ڪنهن ڪان ڊنو ۽ نہ پنهنجو ضمير وڪيائين. اها بيماري اڄوڪي اديبن ۽ دانشورن سان

لڳي پئي آهي. اڄ اديب ۽ دانشور حق ۽ صداقت جي ظهار ڪان پاسو ٿا ڪن، ۽ موقعي پرستي يا ضمير فروشي جو شڪار ٿيو وڃن يا پوء چڱائي ان پر ٿا سمجهن ته ماٺ ڪري ويهي رهون. اهو ڪامريڊ ئي هو، جنهن هڪ سامراجي سازش تحت مسلط ڪيل "ايوبي مارشل لا" کي کلي عام ننديو. ان سلسلي ۾ کيس ڏاڍا آزار ڏنا ويا پر هي مڙس مڙيو ڪين.

سنڌ جي عظمت جا ڪيت ڳائيندي هو ڪڏهن به اها ڳالهه نه ٿو ميساري ته سنڌ جو عوام ڏتڙيل آهي. سنڌ ۾ غريبي ۽ ڏک جو راڄ آهي ۽ سامراج پنهنجا پير کوڙيو مضبوطيءَ سان ويٺو استحصال ڪري.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته اڄ اسان جي ديس ۾، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ظلم ڏاڍ ۽ بي انصافيءَ جي قوتن خلاف مساوات، امن، قومي آزادي ۽ سچي ادب ۽ دانش جي هڪ روشن علامت بڻجي چڪو آهي. ڪامريڊ جتوئي، اسان کي سامراج ۽ سندس ديسي چاڙتن خلاف اڻ ٿڪ جدوجهد جو سبق ڏنو آهي.

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي سنڌيءَ جو بهترين، انقلابي مرت ۽ سيڪيولر فڪر رکندڙ ليکڪ، شاعر ۽ انقلابي دانشور آهي. ڪامريڊ جو ڪردار اڄ جي ترقي پسند دانشورن ۽ ايڪڙن لاء هڪ روشن لاٽ جيان آهي. هن هميشه پنهنجي قلم جي پاڪائيءَ کي پنهنجي دل سان سانڍيو. جو ويچار ڪيائين اهو چئي

ڏنائون، جيڪي صحيح سمجهائين سو لکيائين. سندس صداقت جي انهيءَ اظهار ڪارڻ کيئي تڪليفون ۽ آزار سهڻا پيس، سي هن شخص مرڪي سٺا. جيل تہ چڻ سندس ٻيو گهر هو. ڪامريڊ پنهنجي وطن سنڌ ۽ سموري انسانذات سان محبت جو اعليٰ درس ڏنو. ڪامريڊ سنڌ سان پنهنجي اکٽ محبت جو هڪ لافاني نغمو ڳائي، دنيا وارن کي هڪ ترقي پسند انقلابيءَ جي، پنهنجي وطن سان محبت جو اعليٰ معيار ڏنو.

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي سچو ادب تخليق ڪري، سنڌي ليکڪن ۾ جرئت ۽ حوصلو پيدا ڪيو. اسين ترقي پسند اديب، شاعر ۽ فنڪار انهيءَ ڳالهہ تي فخر ٿا ڪريون تہ، اسين ڪامريڊ جي سرت، دانش، جدوجهد ۽ اصولن جا امين ۽ وارث آهيون. ڪامريڊ اسان ترقي پسندن لاءِ جهالت، بي انصافي، ڏاڍ ۽ ڏمر جي خلاف صداقت جي، هڪ عظيم ۽ اڻ وسامندڙ مشعل آهي. انهيءَ مشعل کي هٿ ۾ جهلي ۽ انهيءَ جي روشنيءَ سان اسان سنڌي ليکن، شاعرن، دانشورن ۽ فنڪارن کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اونداهن کي ڏور ۽ سچو عوام دوست ادب تخليق ڪرڻو آهي.

(ورتل ”آدرش ڪتابي سلسلي“ جي نمبر ١١ ۽ ١٢ تان)

# حيدربخش جتوئي

— لعل جسڪاڻي

سنڌ صدين کان مهان ۽ مثير مڙس پيدا ڪيا آهن. اسان جي آڳاٽي تاريخ اهڙن سورهيه ۽ سرويچ سرواڻن سان ڀري پئي آهي. جن ڌارين جا حملا، بيگناه سنڌين جو قتل عام، ڦرلٽ، ظلم، ڏاڍ ۽ پرماريت خلاف عملي طور ڊنڊيل عوام خاطر وڙهندي سر ڏئي سرخرو ٿي وطن دوستيءَ جو ناتو نباهيو.

سنڌ، برک ڏاها، اديب، جيد عالم، شاعر، عوام دوست، انسان دوست، صوفي، مبلغ، مقرر هارين ۽ پورهيتن جا حامي ممتاز سماجي ڪارڪن پيدا ڪيا. جن هن ملڪ جي هارين ۽ پورهيت عوام جي اقتصادي ۽ سماجي حالتون تبديل ڪرڻ ۽ ان کي بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجي سڄي حياتي ان جدوجهد ۾ گذاري، هن ماتر ڀومي جو مان مٿانهون ڪيو. سنڌ جي نارنگي رنگ جهڙي مٽيءَ جي هڪ خاص خصوصيت چئجي، جنهن هميشه اسان کي ڏند ڪٿائن جهڙا ڌيسر ۽ ڏاها پئي ڏنا آهن. اهڙا انسان سورهيائي ۽ سچي انسان

ڪاني ۾ نوڪري ڪيائين. ١٩٢٨ع ۾ جڏهن پاڻ بدين ۾ مختيارڪار هو ته سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”شڪوه“ ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن ۾ ”هڪ انسان خدا سان شڪايت ڪئي آهي.“ ٻئي طرف ڊاڪٽر محمد اقبال جو پڻ ”شڪوه“ ڇپيل هو، جنهن جو عنوان ”هڪ مسلمان جي خدا سان شڪايت“ هو. حيدربخش جتوئي هڪ حساس دل شاعر، اديب ۽ انسان دوست هو، پاڻ جڏهن سنڌ جي عوام کي غريب ۽ جهالت جي چڪيءَ ۾ پيڙجندي ڏٺو ۽ ان پس منظر تي ”شڪوه“ لکيائين. سندس هن ڪتاب تي تمام گهڻي ادبي (جيڪا ادبي نه هئي) ڇڪتاڻ هلي. جيئن ته پاڻ مذهبي ڪٽرپڻي کان هميشه پري رهيو. ان ڪري هڪ طبقي سندس تمام گهڻي مخالفت ڪئي، پر پاڻ ان جي ڪڏهن به پرواه نه ڪيائين. ڇو ته ڪيس اها اڳ ۾ ڄاڻ هئي ته سچ جي راهه ۾ هميشه رڪاوٽ هوندي آهي. حيدربخش جتوئي هڪ تاريخ ساز شخصيت آهي. تنهنڪري سندس ذات جو مطالعو سنڌ جي تاريخ جي مشاهدي کانسواءِ نامڪمل آهي.

سنڌ جي تاريخ تي نظر ڊوڙائي ڏٺو وڃي، ته هت مغلن جي زماني کان جاگيرداري نظام رائج هو. سنڌ ۾ اهڙو نظام (Feudalism) اڪبر جي وقت کان شروع ٿيو هن نظام کي منصبداري سڏيو ويندو هو. جيڪي قبيلي جي سردارن ۽ طاقتور ماڻهن کي مغل

ٽالپرن ڪانپوءِ ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي.
سر چارلس نيپئر هڪ سٺو منتظم هو، جنهن سنڌ ۾
هن مدي خارج نظام کي بحال ڪرڻ جي سخت
مخالفت ڪئي هئي، پر سنڌين جا حامي جهڙوڪ:
ميجر آئوٽ رام ۽ ايسٽوڪ، جان جيڪب ۽ بوئسٽ
اها پروپيگنڊا شروع ڪري ڏني ته جيڪڏهن سنڌين
جون جاگيرون بحال نه ڪيون ويون ته سنڌي بدلو
وٺندا، ۽ سنڌ ۾ انگريزن جي ٻڌڪي نظام کي سخت
خطرو درپيش ايندو. نيپئر مجبور ٿي سابق جاگيردارن
جون جاگيرون بحال ڪيون ۽ سنڌن حمايت حاصل
ڪئي. اهڙي طرح هن مدي خارج نظام جيڪو ١٥٩٢ع
۾ اڪبر جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت سنڌي معاشري تي
مڙهيو ويو هو. بدقسمتيءَ سان ٻه سٺو ايڪونجاهه سالن
ڪانپوءِ به سنڌ جا ماڻهو ان مان جان ڇڏائي نه سگهيا.
ميرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ ۾ تمام گهٽ زمين آبادي
هيٺ ايندي هئي، پر مياڻي جي جنگ جي اثر ڪري
انگريزن جي اقتدار جي پهرين ڏهاڪي ۾ اها گهٽجي
وڃي. ڏهه لک ايڪڙ آباد ٿيڻ لڳي، جيڪي، انگريزن
ڪوشش وٺي وڌائي. ١٩٣٠ع تائين ٣٠ لک ايڪڙن
تائين آبادي هيٺ آندي. تنهن ڪانپوءِ ١٩٣٢ع ۾
سکر بئراج تيار ٿيو، ۽ وڌيڪ زمين آباد ٿيڻ لڳي.
بئريج ٺهڻ ڪري سنڌ ۾ نهري پاڻيءَ جي وڌيڪ
سهولت ميسر ٿي ۽ نيون زمينون آبادي هيٺ اچڻ

اپريل ١٩٥٠ع ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هاري گڏ ڪري ڪراچي ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي بلڊنگ تي گهيرو ڪيو، جيئن ان وقت اجلاس هلندڙ هو. ميمبرن کان مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ ٽيننسي ائڪٽ، جيڪو ڪيتري عرصي کان ايجنڊا تي رکيل آهي، اهو پاس ڪيو وڃي. پوليس ۽ فوج گهرائي وئي. پر هارين جا حوصلا بلند هئا ۽ انهن گهيرو نه ڇڏيو. مسٽر يوسف هارون ان وقت سنڌ جو وزير اعليٰ هو. تنهن نيٺ مجبور ٿي حيدربخش جتوئي ۽ ٻين هاري اڳواڻن کي اندر اجلاس ۾ گهرايو ۽ ٣- اپريل ١٩٥٠ع تي پهريون دفعو سنڌ ٽيننسي ائڪٽ پاس ڪرايو. سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هارين کي ڪي قانوني حق مليا ۽ هي ڪارنامو حيدربخش جتوئي جي ڏکي جدوجهد ۽ اڻٿڪ محنت جو نتيجو هو. ان کانپوءِ ١٩٥٢ع ۾ گورنر دين محمد جي وقت ۾ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ ۾ ضروري ترميمون پاس ڪرايون.

ان کانپوءِ ١٥- آڪٽوبر ١٩٥٥ع تي هن ملڪ جي ماڻهن جي مرضي خلاف ون يونٽ مڙهيو ويو. حيدربخش جتوئي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي جلوس ڪڍيا، جلسا ڪري تقريرون ڪيون ۽ ون يونٽ جي خاتمي لاءِ سوين ڪتاب، پمفليٽ ۽ هينڊ بل ڪڍي ماڻهن ۾ ورهايا، جنهن ۾ جمهوريت جي بحالي، سنڌي ٻولي، بئريج ايريا ۽ مکي ڍنڍ جي زمينن تي موروثي هارين

جي بيدخلي ۽ ڌارين کي وسائڻ خلاف احتجاج، ڊل جو اکيو گهٽائڻ ۽ سنڌ جي هاري ۽ پورهيت طبقي جي سماجي ۽ اقتصادي مسئلن تي. انگريزي ۽ سنڌي ٻولي ۾ ڪتاب ۽ پمفليٽ شامل آهن. پاڻ شاعري ۽ ادبي ڪتابن کانسواءِ ٢٦ کن ڪتابن جو مصنف هو، پاڻ رات ڏينهن مظلوم طبقي جي رهنمائي ڪندو هو ۽ سندن مسئلا حل ڪرائڻ ۾ رڌل هوندو هو الائجي ڪتان وقت ڪڍي مختلف موضوعن تي ايترا ڪتاب لکيائين. سنڌ کي خوشحال ڏسڻ خاطر محنت، جفاڪشي ۽ اڻٿڪ جدوجهد ڪيائين، جوڪي سندس اعليٰ مقصد سان ڪمٽمنٽ جو مثال آهي. پاڻ مارچ کان آگسٽ ١٩٦٨ع تائين سڄي سنڌ جو دورو ڪيو ۽ ون يونٽ خلاف جلسا جلوس ڪڍي تقريرون ڪيائين، جنهن ۾ کيس سنڌ جي عوام طرفان ”باباءِ سنڌ“ جو خطاب ڏنو ويو. پاڻ ايترو ڪم ڪيائين جو بيمار ٿي پيو ۽ ٢١ مئي ١٩٧٠ع تي حيدرآباد ۾ هن سنڌ جي سورهيه ۽ سرويچ سرواڻ وفات ڪئي ۽ کيس حيدرآباد شهر جو پايو وجهندڙ ميان غلام شاه ڪلهوڙي جي مقبري جي صحن ۾ دفن ڪيو ويو.

حيدربخش جتوئي، سنڌ جي هارين ۽ پورهيت عوام جي حقن خاطر سڄي حياتي جدوجهد ڪئي جنهن ۾ هڪ طاقتور طبقي سندس سخت مخالفت ڪئي ۽ کيس

سوين ڪوڙن ڪمسن ۾ ڦاسائي سنڌ جي سر بلندي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪندڙ عظيم انسان لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪيون پر ڪير به سندس جذبي کي پست نه ڪري سگهيو. هن ڏس ۾ پاڻ اٺ دفعا جيل ۾ ويا. جنهن ۾ ١٩٥١ع ۾ ڇهه مهينا ۽ ١٩٦٠ع ۾ ٻي سال جيل ۾ رهيو ۽ مختلف وقتن تي ڪل ست سال سزا ڪاٽي. جنهن ۾ حيدرآباد، سکر، ڪراچي، نواب شاهه، مچ، ڪيمبل پور ۽ لاهور قلعي ۾ قيد ڪاٽيائين. جيل ۾ سائنس ڪافي سختي ڪئي وئي نه صرف سي ڪلاس ڏنو ويو. خراب کاڌو، سخت سرديءَ ۾ پاڻ لاءِ پورا ڪمبل به نه ڏنا ويندا هئا ۽ وقت جي حاڪمن شايد ائين سمجهيو هو ته سختي ڪرڻ سان هي جهڪي پوندو. پر هي سنڌ جو عاشق ڪڏهن به پنهنجي موقف تان نه هٽيو ۽ هر تڪليف ۽ سزا ڪاٽيوءِ جذبو وڌيو هو پر ڪڏهن به همت نه هاريائين.

حيدربخش جتوئي جي جدوجهد ۽ قربانيون رائگان نه ويون، هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ون يونٽ جي ڦهري ڪوٽ کي ڪرندو ڏٺو. ان تي سڄي سنڌ ۽ ملڪ جي وڏي حصي ۾ شادمانا ٿيا. ٻئي طرف حيدربخش جتوئي کي پنهنجي محنت ۽ قربانيءَ جو ڦل مليو ۽ کيس وڏ ۾ وڏ خوشي ۽ راحت ملي.

حيدربخش جتوئي مظلوم طبقي جي حمايت ڪري

پنهنجي تقرير ۾ صحت مند تبديلي لاءِ سڄي سنڌ ۾ جاکوڙ ڪئي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجا همخيال پيدا ڪيا. اچو تہ سندس پاران مشعل کڻي اڳتي وڌون ۽ ان مشن کي مڪمل ڪري ڌرتيءَ تي خوشحالي آڻيون.

(هي مضمون هفتيوار سرتاج حيدرآباد جي جون ١٩٨٢ع واري پرچي تان ٿورن سان کنيو ويو.)

# مون سي ڏٺا ماڻ

—رشيد ڀٽي

نومبر ۱۹۵۴ع جي پهرين هفتي جي ڳالهه آهي پيرزادا وزارت ختم ٿي چڪي هئي ۽ کهڙي کي سنڌ جي سودي جي عيوض پروڊا مان معافي ڏني، سنڌ جي وزارت عظميٰ جي ڪرسي تي ويهاريو ويو هيو. امڪان هڪ يا ٻه ڏينهن پوءِ جي ڳالهه آهي. ڪراچيءَ ۾ ڪارو ڏينهن ملهائي رهيا هئاسين. صبح سان اڪثر تعليمي ادارن ۽ هاسٽلن تي ڪارا جهنڊا چاڙهيا ويا. سنڌ مسلم ڪاليج ۾ اسٽرائڪ ڪرائي، اتان جلوس جي شڪل ۾ نڪتاسين. ان ايراضيءَ جا ڪاليج بند ڪرائي سڌو اين-جي-وي اسڪول ڏانهن منهن ڪيوسين. جلسي ڪرڻ کان پوءِ ڇوڪرا جو وڃڻ جو نالو ئي نه وٺن ڇو ته سيڪريٽريٽ هلي غدارن کي ڪلا هڻجن. مدرسي جي ٻاهرين دروازي وٽ فريئر روڊ ۽ سراه روڊ تي ڪافي پوليس ڪٺي ٿي چڪي هئي جتان هڪ پڪاپ مان مائيڪ تي بار بار غيرقانوني جلوس ۽ جلسي ختم ڪرڻ ۽ ٽڙي پکڙي وڃڻ جو اعلان ۽ حڪم ٿي

رهيو هو پر ڇوڪرن ڪٿي ٿي ٻڌو. سنڌي اسٽوڊنٽس يونائيٽيڊ فرنٽ جي اليڪشن ڪميٽي ياران ٿي ان جي ڪوٺ ڏني وڃي هئي. ان جي سيڪريٽري ۽ صدر جي حيثيت ۾ مان ۽ قاضي اختر جي مائيڪ تان هر هر اعلان جي باوجود ڇوڪرا منتشر ٿيڻ لاءِ تيار نه هيا لاچار ٿي قاضيءَ ٿي بار رکي مان ڊيوٽيءَ جي ٽائيم ٿي وڃڻ سبب، الوحيد آفيس هليو آيس.

اچي پهتم ته سنڌ جي چڱن چهرن کي ويٺل ڏٺم. محترم جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، قاضي فيض محمد، پرڳڙي ۽ هڪ اڳ نه ڏٺل شخص ويٺي مرحوم دين محمد عليڳ سان ڳالهايو ٻولهايو. منهنجي اندر گهڙڻ سان شيخ عبدالرحيم اڻ ڏٺل شخص ڏانهن منهن ڪري چيو: "ڪامريڊ! هي اٿو رشيد ڀٽي!"

"مرحبا ڪامريڊ! نظر ڏاڍي وڃي، پر ان ٿي ڪجهه ڳالهائيو" هن وراڻيو. هن مون ڏانهن گهوري نهاريو سندس منهن جي تاثرات مان ائين پئي لڳو ڄڻ هن منهنجي من ۾ پيهي وڃڻ پئي چاهيو.

"نوڙو واندو ٿي پوءِ ڳالهايون ٿا" هن مرڪي چيو ۽ بحث ۾ لڳي ويو.

مون کي آئي اڃا ڪي چار پنج منٽ ٿي مس ٿيا هوندا ته هڪ ڪلاس ميٽ ڀڄندو آيو ۽ ٻڌايائين ته پوليس مدرسي ۾ وٺ پڪڙ ڪري رهي آهي. آئون ڀڄندو منٽ ڏيڍ ۾ اچي مدرسي پهتس. هڪ پراڻي

مهربان سي-آءِ ڊي جي اشاري سان ڪنهن ڪلي مونکي ڪاپ ۾ سڏيائون. جتي ٻي ٻه انڪشن ڪاميٽي جا ميمبر ۽ ٻه شاگرد اڳ ئي ويٺا هئا. ڪلي اهي سڀئي پوليس اسٽيشن جي لاڪپ ۾ بند ڪيائون. ڇهن پنجن ڪلاڪن جي جهڪ جهڪ ۽ پڇا ڳاڇا کانپوءِ جڏهن شام جو سج لٿي ڏاري ٻاهر ڪڍيائون ته جنهن شخص پهريون پٺي ٿپي ڀاڪر وڌو، سو اکهن وارو الوحيد ۾ مليل انڇاٽل ڪامريڊ ئي هيو. مون هن ڏانهن ڇتائي ڏٺو. ڪڻڪ رنگو، موڪرو منهن، عينڪ جي شيشن اندران چمڪندڙ اونهيون ۽ اداس اکيون، منهن تي ٿهندڙ سنهيون ڪٽيل مڇون، سڪهارو شرير ۽ سهڻي ٻهڪ ۾ ڪامريڊ سچ پچ ٻاڻ ۾ هڪ عجيب ڪشش سمايو بيٺو مرڪي رهيو هو. اسان ڳالهائيندا ڳالهائيندا پنجن منٽن ۾ اچي الوحيد جي آفيس پهتاسين. ساٿيائي همراه ويٺا هئا پر ڏاڍو منجهيل ۽ ملول.

"ڇو بابا خير ته آهي؟"

"خير وري ڪهڙو! سنڌ سوريه تي بين پئي وڃي ۽ ڪهن پڙڪ ٻوائي جي ٻه موڪل نٿي ملي." سنڌ جي سرويچ، سورهيه، سپوت شيخ عبدالمجيد سنڌي منيون پکوڙيندي چيو.

"ان ۾ منجهڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. مهاون مڙس ئي اينديون آهن" ڪامريڊ چيو: "حيدرا اڄ سنڌ جي زبان ڪپي ويئي آهي. الوحيد تي سيڪيورٽي

ڪامريڊ سان منهنجي ٻي ملاقات ١٩٥٥ع جي شروعات ۾ ٿي. حيدرآباد ۾ پرڳڙي صاحب جي بنگلي تي سنڌ جي سڀني سياسي پارٽين جي گڏجاڻي ٿي هئي، جنهن ۾ ”سنڌ متحده محاذ“ نالو پيو هو. ڪامريڊ شايد هڪ ٻه ڏينهن اڳ جيل مان ڇٽي آيو هيو. گڏيل محاذ لاءِ ڪاروباري ڪميٽي تي هر پارٽي پنهنجو نمائيندو مقرر ڪيو. پر ڪامريڊ جواب ڏئي ٻيهي رهيو، ته: ”مان اهڙو ڪرڻ وارو ڪير! ته ان ڏينهن اندر هاري ڪاميٽيءَ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميڙ ڪونائي ان بابت فيصلو ڪري ٻالو ڏينديس.“ ڪامريڊ جو اهو جواب اڄ انهن نام نهاد ڪامريڊن جي منهن تي موچڙو آهي، جي هن تي بهتان هڻندا آهن ته، هن هاري پارٽي ۾ ڊڪٽيٽر شپ قائم ڪئي هئي. ڪامريڊ نه رڳو مات ۽ سهڪار ڏيندو رهيو، پر ونڊ جو به اونرو ٿي قائل هيو. مان جڏهن ڪان ساٿس مليس تڏهن ڪان ڪيس اهي ئي رڙيون ڪندي ٻڌم: ”بابا اڇو! هاري ڪاميٽي توهان جي آهي، اڇو اچي ڪم ڪريو.“ پر موقعي پرست ترقي پسند نه رڳو ڪيس ان پليٽ فارم تي ڪم ڪرڻ ڪان دلشڪن ڪندا آيا پر، پس پردي سندس ان پروگرام کي ڪجها ٽڪ هڻي ختم ڪرڻ جي ڪوشش به ڪندا آيا. ڇو جو هن ڄاتو پئي ته اها صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي عوامي تحريڪ هئي ۽ فطرتاً ان جي اڳواڻي به سرزمين

جيڪي هوءَ ڪي ملي ها ۽ انهن ڪرڻ سان سندن ذهني ۽ عملي هڪ هئي ۽ بهتڪيت مات کائي وڃي ها. نه ته ڪير نه ٿو ڄاڻي ته جي سڀ انقلابي ۽ ترقي پسند ٽولا ڪامريڊ سان ان هاري هلچل ۾ ساٿ ڏين ها ته سنڌ جي قومي آزاديءَ جي ۽ ترقي پسند تحريڪ اڄ ڪٿي هجي ها! پر اسان جا يار اهو وساري ويٺا ته هن ملڪ جي انقلابي تحريڪ جي سچي سگهه، سائيه، جو ستايل هاري ئي آهي ۽ نه ڪي، نه هئي جهڙو نيڙو ڇڙوڇڙ پرولتاري طبقو، جنهن کي اڃا طبقو ٿيڻ ۾ ئي ڍل آهي.

مٿين ملاقات ڪانپوءِ ١٩٥٧ع تائين ڪامريڊ سان ڏيون گهڙيون ۽ گهٽيل ڪچهريون ٿينديون رهيون. ان بعد مان ڪراچي ڇڏي سکر هليو آيس ۽ ڪامريڊ پنهنجي دستوري ارڏاين سبب ايوبي مارشل لا جي دور ۾ مسلسل جيلن ۾ گهارڻ لڳو.

ان ڪانپوءِ ٻي تفصيلي ملاقات وري اسان جي سکر ۾ ٿي. ١٩٦٠ع يا ١٩٦١ع جي سياري جي شام هئي. مان ۽ شمس الدين شاهه ويٺي آفيس ۾ ڪم ڪيو ته هڪ قداور جوان، ڪئمبلپوري ڪتو ويڙهيون، منهن تي مفلر جي ٻٽ ڪيون ٻڪ بسترو ورانديءَ ۾ رکائي آفيس ۾ گهڙي آيو. سندس چهرو وڏن شهپرن ۽ مفلر جي ٻٽ ۾ ڍڪيو پيو هو. اسان ڪيس گهوري نهارڻ

لڳاسين ۽ سڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي سين. هو مرڪي ويٺو ۽ چيائين:

”ڙي شمس! هي ته ڇوڪرو آ، تو به پراڻي ساٿيءَ کي نه سڃاتو؟“ ۽ هن مفلر لاٿو. اسان کان ڇرڪ نڪري ويو. سامهون ڪامريڊ حيدر بيٺو هو. چار سال اڳ مردانگي سونهن جو نادر نمونو اڄ سڃاڻڻ کان به پري هيو. هو ڪمبل پور جيل مان ڇٽڻ بعد سڌو سکر آيو هيو. ان پيري مون پهريون ڀيرو محسوس ڪيو ته ڪامريڊ جي حياتي سالس نباهه نه ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪي هئي. هيل تائين جي هلچل، انگريزن سان لڙائي، پنهنجن آقائن سان جنگ، انسانيت جي اڻ تڻ، هارين جي هورا ڪورا ۽ انهن سان گڏ جيل جي جيون، هن جي منهن ۾ هڪ به گهنج نه وڌو هيو. پر ايوبي جيل سچ پچ ماڻهوءَ جو رت ست ئي پي ڇڏيو. ان رات اسان ڪپل دير تائين ڳالهائيندا ٻولهائيندا رهياسين. هن جيل جون ڳالهيون پئي ٻڌايون جي سقراط کان وٺي هيل تائين ٿوري ڦير گهير سان ساڳيون ئي هونديون آهن. اسان کيس هتي وهندڙ واپرائيجندڙ واردات پئي ٻڌائي. هي دور هيو جڏهن سنڌ جي سياسي افق تي موت جهڙي اداسي، نراسائي ۽ ماٺ هئي. ڪي قانوني بندشن ۾ ڦاٿا پيا هئا، ڪي مادر وطن جو سودو ڪري آسودا ٿي ويهي رهيا هئا، ته ڪي وري ان سودي جي سود تي پلجي مچي مڇ

ٿي ٿونا هئي رهيا هئا. ون ٻونٽ ٽٽن ته خواب ۾ ٻه
سوچي نه پئي سگهيا سين. انهن حالتن جي اثر هيٺ
اچي هڪ دوست ڪامريڊ کي صلاح ڏني ته هو هن
ٻاهر جي دور ۾ آرام ڪري ۽ سياحت ڪان موڪل
وٺي. مون کي ياد آهي ته ڪامريڊ نه رڳو ڪاوڙجي
ويو هو ٻر مٿيون ٻه ڀڪوڙجي ويون هيس.

"ڪامريڊ! اڇا هلي گهمي سگهان ٿو. اسان جي
ڊڪشنري ۾ آرام جو ڪو لفظ نه آهي. اسان لاءِ
رڳو هڪ لفظ معنيٰ رکي ٿو. اهو آهي انقلاب! اهو
لفظ ئي هر ٻئي لفظ کي معنيٰ ڏئي ٿو. آرام کي به
معنيٰ تڏهن ملندي جڏهن اڳ ۾ انقلاب ايندو، نه ته
آرام ۽ انقلاب جو ڪهڙو ناتو؟ سک ۽ سهنج ڇا
لڳي! حياتي ته جيون ڀر جي جاکوڙ، جستجو ۽
جدوجهد آهي، اهو ئي انقلاب جو اول ۽ آخري سبق
آهي. هلندا هلو اڳتي، اڳتي، اڳتي! جيئن شاهه
چيو آهي:

جا جوهه سوهه نه ڇڏي، ڏوٿي سا ڏوريـن،
پاسا متي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙيـن،
ويا تت ووڙيـن، جت عنات نـاهه ڪا!

۽ ڪامريڊ برابر ووڙيندو ۽ ولوڙيندو رهيو. اخبارن
ڪيس جڳهه نه ڏني ته هن پمفليٽون لکيون. سنڌس هڪ
حق جي آواز واري ڪتابڙي ضبط ٿيندي هئي ته ٻي

اکيءَ ٿي تمار پئي هوندي هئي. بار بار هن جنوني جيل ياترا تي ويندو رهيو. هو گهڻا ڀيرا جيل ويو؟ هو هڪ ۽ ڏهو هجي ته ڪٿي ڳڻائجي به! جيل مان نڪربو ته ڪو نه ڪو سمجهائي سوچي ٿي نڪربو. نورو وانگر تي وري هل پنهل! گهر ته هو موڪل ملهائڻ ايندو هيو. نه ته سندس اصل گهر ته جيل ئي هيو، پوءِ اهو ڪئمبل پور جو هجي يا ڪراچي جو، حيدرآباد جو هجي يا ميچ جو، ۽ ڇا ته ڪامريڊ جي ڪم جي رٿا ۽ رفتار هوندي هئي. ٿي سو ملين تائين هن لاءِ ڪنهن جلسي جو بندوبست ڪيو. ڇا جي صحت، ڇا جو ڊاڪٽري مشورو! ڪير جو هن کي جلسي گاهه تي پهچڻ کان روڪي! پاڻ چوندو هيو ته بابا مان آهيان ئي ۽ منهنجا ماڻهو هاري ناري آهن منهنجو پاڻي، انهن کان ڌار مان ڪيئن ٿو رهي سگهان. رکو خبر پوي ته ڪٿي ڪنهن هاري سان ڪو ظلم يا ڏاڍ ٿيو آهي. ايئن اچي پهچندو جيئن لوڪ ڪهاڻين ۾ وار رکي لوڏڻ سان ديو، آدم بو آدم بو ڪري اچي پهچندو آهي. سندس هڪ اهڙي جنون ۽ جذبي جو هڪ مثال ياد آيو اٿم:

۱۹۶۷ع جي گرمين جي ڳالهه آهي. مان آفيس ۾ ويٺي ڪم ڪيو. شام جو ستين بجي ڌاران، "جيئي سنڌ" جا ٻه همراه آفيس ۾ گهڙي آيا. ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺم ته ڪامريڊ ۽ انيڙ اندر ايندي ڏٺم. پاڻ کي

ڪرسين تي ڪيرائي پکي تيز ڪرڻ ۽ برف جي بندوبست ڪرڻ جو حڪم ڏني، ڪامريڊ لوڌي اکيون کولي چوڌاري ڏٺو. پاڻي پي ڪجهه سڪائي ساهت ۾ اچي ڪامريڊ حال احوال شروع ڪيو. سندس ڳالهين جو تات ٻرج هي هيو:

”بابا، توهان ته ٿي ويو سوير ٿي ڪراڙا. اوهان جو ڪم به امان ڪيون. حيدرآباد کان ڪهڙي سڪر پهچون ۽ توڻ ڪي معاملي جي پوڇ به نه پئي. باقي ڪهڙي غذا ڪندؤ؟

”ڪڏهن ۾ ڦهر لڳا پيا آهن، ويل وهي ويا آهن. توهان ستا پيا هجوا سنڌين جا ڳوٺ بلڊوزرن جا بک تي ويا. رهڻ کان بند پيڪو، پوڙا ڇي وئي، توهان وات ڦاڙيو ويٺا رهوا! تن ڏينهن کان رلي پنهنجي رهڻ جي کان روهڙيءَ تائين ملڪ لتاڙي انگ اکر ڪٺي ڪري آيو آهيان. رات ويهي پمفليٽ لکيو، سڀائي ڇپائي ورهائي حيدرآباد وڃيو بندوبست ڪره“

ڪامريڊ قميص لاهي ڇنڊي. ڇڪو ڪو مٽيءَ جو ٿلهون ڦاٽو هيو. سڄي ڪمري ۾ دز پرجي وئي. مٽي جا ڇڱ سانگيڙن جي صدين کان بيٺل ڪوٺن تي بلڊوزرن ڪهڙن سان آئي هجي، دز جا ڇڱ جنهن کان ڪنهن جوه ۾ ڳهاربندڙ جهانگين جي لڏي وڃڻ بعد سندن مال ڪهي تان اڏري هجي، مٽي جا سنڌ جي زمين مان ڇڱ ان مهل رڙ ڪري آئي هجي، جڏهن سندس

ان ٻين مسافرن سان گڏ ڪامريڊ ۽ ڪوسو به لٿا. لهڻ سان ئي ڪامريڊ ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو ۽ چيو "توهان جا هڏ حرام ٿي ويا آهن. ڪار ڪانسواءِ ويهه ميل به نٿا ڪري سگهو. مون کي ڳالهه چئو نه ڪيو ته مان اڳيرو ئي هليو اچان ها. اٺين صوفن تي ويهي جهڪ مارڻ کان بهتر هو ته هنن مارواڙن سان ميل ملاپ ڪيان ها. توهان مون کي هنن پيارن ماڻهن کان پاسي رکي ناحق ڪيو آهي." ۽ پوءِ ڪامريڊ هنن سان رلي ملي ويو، جڻ هنن مان ئي هيو. هو هنن سان آس پاس جي ڳوٺن ۾ هليو ويو ۽ جڏهن جلسي جي وقت عيدگاهه تي موٽي آيو ته تندرستيءَ جي ڪريل حالت جي باوجود اڳ کان اڳرو ۽ تازو توانو پئي لڳو. مورن جي سٽاڻل جيجل جي مٽي سندس نه رڳو پير چميا ها پر سندس کي به سينگاريو هيو. هو اسٽيج تي چڙهيو ته ساڻس اچڻ هندڪن ۽ اجرڪن جي ڀڪل فصل کي جهومندو ڏسي سندس من به مسرت وچان نچڻ لڳو هو. هن جو چهرو ٻهڪڻ لڳو هو. شايد هن سنڌ جي آزادي کي ايندو پئي ڏٺو. ڪريل صحت، ڪڏهن مهيني ڪن کان مشغوليءَ ۽ تازي ٻڪ ٻوڙ بعد به سندس ان مرڪ ۽ مريادا واري منهن اسان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ منهنجي دل تي امالڪ شاهه جي ڪاموڙيءَ مان هي بيت تري آيو:

پير پراڻا ڪيترا، سڪا منهن مندن،
سا جوءِ جهاڳي آيا، سونهان جت منجهن،
ڪجها ڪجهيون ڪن، تها پراهين پنڌ جون.

۽ اتي ڪامريڊ ١٥ سال اڳ واري منهنجي نظم تي سا ڳيل تنقيد ڪئي. تقرير دوران هن مون ڏانهن منهن ڪري سرڪي چيو: ”اسان جي ڪامريڊ رشيد ڀٽي هڪ نظم لکي آهي، ”سنڌڙي رهي، اسين نه رهياسين ته ڇا ٿيو“ غلط! اسان ڪانسواءِ سنڌ رهي ته ڇا ٿيو؟ مان پڇان ٿو ته جي اسان نه رهياسين ته سنڌ ڪنهن لاءِ رهندي؟ کهڙي لاءِ؟ راشدي لاءِ؟ جاگيردار؟ لاءِ؟ يا سرمائيدار لاءِ؟ نه! نه! سنڌ رهندي، پر اسان لاءِ رهندي، ان ڪري اسان به رهنداسين. سنڌ عوام جي آهي ۽ عوام لاءِ ئي رهندي.“

ڪامريڊ اڄ نه رڳو منهنجي نظم تي تنقيد ڪئي هئي، پر اشاري ۾ انهن شخصن کي به منهن ڏيئي پر ڪري هٿ ورتو هيو، جي سنڌي قوميت جي تحريڪ يا جيئي سنڌ هلچل کي شاونسٽ قوم پرستن جي تحريڪ ڪوٺي رهيا هيا ۽ ڪامريڊ کي ان کان الڳ ڪري ڪيس رڳو طبقاتي ڪشمڪش جو اڳواڻ بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هيا.

ڪامريڊ هڪ طرف سنڌ ۾ ترقي پسند ادبي رجحانن جو محرڪ ۽ طبقاتي جدوجهد جو پايو وجهندڙ هيو ته ٻئي طرف سنڌ ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو

علمبردار به هيو، هن انگريزي سامراج سان ٽڪر کائي قومي آزاديءَ جي تحريڪ سان پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ ملڪي سامراج سان سامهون ٿي سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي دڳ لائي پنهنجي سياسي زندگي پوري ڪئي. پر ان آزاديءَ جي هلچل ۾ هن ترقي پسند رجحانن ۽ طبقاتي جدوجهد کي نه هٿان نه ڇڏيو. ان ڏس ۾ به ڪامريڊ جو ڪردار صاف کليو کلايو ۽ چٽو پڌرو آهي. هاري ڪاميٽيءَ جي جهنڊي هيٺيان هلايل جدوجهد پڌاري ٿي ته هن قومي آزادي ۽ هاري جي نجات جي هلچل کي هم آهنگ ڪيو هو.

ڪامريڊ اسان جي سنڌي جي مونجهارن، بحرانن ۽ طوفانن جي دور جي روح جو عڪس هيو. هو اسان جي قومي هلچل جي نمايان ۽ اهم نڪتو ۽ جدت جو علمبردار هيو. هو انهن سان هيو، جي اهڙن دورن ۾ پيدا ٿي اڳتي وڌندي، وڌندي، لڙندي، جيئري رهڻ جو حق حاصل ڪندا آهن. قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي اوسر تي پهچائي ان جي سرمايداريءَ کان سوشلزم ڏانهن منهن موڙڻ واري تاريخي ڪردار جو اهم نڪتو اسان جو ڪامريڊ هيو. هو نه رڳو سنڌ جي قربل اٿيل ۽ ستايل طبقي هارين جو همدرد ۽ عوامي انقلابي رهنما هيو پر مظلوم سنڌي قوم کي ڌاريي سامراجين جي سازش ۽ وسعت پسندي جي مهم جي قيد و بند

کان چوڪاري ڏيهارڻ واري تحريڪ جو ٻيو هڪ سرواڻ هيو. هو سنڌ ۾ قومي هاري هلچل ۽ سوشلزم جو باني ڪار هيو. سنڌس هفتيوار ”هاري حقدار“ آزادي کان پوءِ پهرين سچي پچي سوشلسٽ ۽ انقلابي نظرين واري سياسي اخبار هئي. هو هڙئان وڏان وهي ٻه وت ۽ وس آهر اها اخبار جاري رکي سنڌ ۾ جديد سياسي ۽ اقتصادي نظرين جو پرچار ڪندو رهيو. ان اخبار ئي سنڌ جي وچين ۽ هيٺين طبقي ۾ نظرياتي ۽ تنظيمي پختگيءَ لاءِ راهه هموار ڪئي.

ان پيري جڏهن ڪامريڊ سکر آيو ته سائس دل کولي ڪچهريون ڪيون ويون. الائي جي چئو ٻڌوڻ پئي پيا ته وري ڪامريڊ سان اڻين نويڪلائي ۾ ويهڻ جو موقعو ملي يا نه! هن مهل تائين موقعي پرست ترقي پسندن طرفان اندروني طور ڪجهه ڪئي وڃه، ۾ سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ يا جيئي سنڌ خلاف مخالفت ۽ منافقي شروع ٿي چڪي هئي. هنن اها مرلي وڄائڻ شروع ڪئي هئي ته جيئن جو اها جاگيردارن ۽ سرمائيدارانه ذهني ۽ ثقافتي نعرن تي هلي رهي هئي، ان ڪري اها شاونسٽ قومي هلچل هئي ۽ سوشلزم جي نظرين خلاف هئي. مون کي ياد آهي ته جڏهن اسان جي هڪ دوست ڪامريڊ سان اها ڳالهه ڪئي ته ترڪي اٿيو هو ۽ ڪاڙهو ٿي ويو هو.

اڃان پرولتاري انقلاب لاءِ تيار نہ ٿيو آهي، ڇو جو هت سرمائيداري نظام کان اڳ وارا لاڳاپا اڃان پنهنجو اثر وجهائي نہ ويٺا آهن. اسان کي قومي هلچل جي پناهه ۾ ٿي ترقي پسند قوتن کي ڪٺو ۽ تيار ڪرڻو آهي."

هڪ ڪامريڊ جنهن تي بين الاقواميت جو ڀليل ڀوت سوار هيو، چيو: "پر ڪامريڊ! اشتراڪي تہ بنيادي طور بين الاقواميت جو ويساهه رکندو آهي؟"

ڪامريڊ معنيٰ ڀري مرڪ سان وراڻيو هو: "برابر! پر سمجهين ٿو تہ بين الاقواميت ڇا آهي؟ ٻڌ! لينن چوائي بين الاقواميت جو پهريون اصول پرولتاري پارٽين ۽ انقلابي هلچل جي سرگرمين ۾ قومي ۽ بين الاقوامي خاصيتن جي هڪ ڪرائي ڏسا هر آهنگي آهي. لينن قومي انحراف جي سخت مخالفت ڪئي آهي. هن ئي قومي آزاديءَ ۽ حقن جو سبق ڏنو هيو. بين الاقواميت جي اصولن پٽاندر اڳرائي واري قوميت تہ واقعي ناجائز آهي، پر اسان واري نہ. اسان ڪنهن کان ڪجهہ کسيون ڪونہ ٿا، پر وڃايل ۽ کسيل حق واپس وٺون ٿا. مظلوم طبقي جيان قومون بہ مظلوم ٿينديون آهن. لينن جو اهو قول بہ ٻڌي ڇڏ تہ "هر انقلابي ٽولي لاءِ پنهنجي ملڪ جي قومي ۽ سماجي آزادي جي مسئلي جو اثرائتو عمل،

عالمي اشتراڪي انقلاب جي گذيل لاپ لاءِ هلندڙ هاڻوڪل جي هڪ اڻ ٽر گهرج آهي."

اها منهنجي ڪامريڊ سان آخري تفصيلي ملاقات هئي. ان بعد ڪامريڊ ڪريو ته وري نه اٿيو. ڪجهه وقت اسپتال ۾ رهيو، جتان بعد ۾ جام تي ڪٽائي آيو گذريل مارچ ۾ مان ۽ اياز سندس طبيعت پڇڻ حيدرآباد سندس گهر وياسين. ڪيس ڊاڪٽرن گهڻي ڳالهائڻ کان روڪيو هو. رسمي خير عافيت کانپوءِ اسان ڪا مهل ماٺ ڪري ويٺا رهياسين. رڪي رڪي ڪامريڊ ڳالهايو پئي. آخر اسان ڪاڻس موڪلائي اٿياسين ۽ ڊاڪٽ ڀاسي مڙياسين.

ڪامريڊ "بيهه".

اياز بيهي رهيو ۽ مان به پٺتي موٽيس.

"موت" هن چيو: "انقلابي لاءِ ڪا معنيٰ نٿو رکي هن جو سمجهه، سندس آدرش يعني انقلاب آهي. پوءِ ڪي ويچارا وات ۾ وارجي ويندا آهن، جن لاءِ شاهه سائين چيو آهي ته:

وڏا ظالم تن جا جي مارڪ منجهه مرن، پر ڪي اڃا به وڌيڪ پاڪيزا هوندا آهن، جو ڪجهه پاڻ پوءِ مرندا آهن. مان انهن مان آهيان. اڄ مان سامهون آزاديءَ جي ديويءَ ايندو ڏسي رهيو آهيان. سنڌ ماتا جي ڪک مان اڪيچار انقلابي جنم وٺي نڪتا آهن. بنيٽ باه پڙڪي چڪي آهي. انقلاب اوس ايندو، اوس

ايندو، ان ڪري اڄ مونکي مرڻ ۾ مسرت ٿيندي، نه ته جوڪر...". "ڪامريڊ" اياز ڪيس وچ ۾ ڪاٽيو: "اسان کي اڃا توهان جي ضرورت آهي. سنڌ کي اڃا حيدر جي لوڙ آهي. سنڌ جو ماري اڃا هيڪلو آهي. توهان آرام ڪريو."

اسان گهورن پيرن موٽياسين. اسان جون اکيون آليون هيون ۽ هانءَ هاريل. اسان ڏٺوسين پٺي تي، ڪامريڊ اسان کي اڪيلو ڇڏي وڃڻ جا سانباها ڪري رهيو هيو ڏاڪڻ تان لهندي اياز جهونگاريو هيو:

ماءُ ڪاهوڙي هليا، دونها دکائي،
وڻڙا وسائي، ڏوڻي ڏونگر وٽ ۾.

۽ ڪاهوڙي سچ پچ هليو ويو. سنڌ ۾ انقلاب جو الم ڪڙو ڪندڙ اڄ اسان کان موڪلائي چڪو آهي. پر ان ڪاهوڙي جي دکايل دونهين پنهنجي پيٽ ٻاجهي چڪي آهي. ڪاهوڙي پنهنجي پرينءَ يعني انقلاب جي آدرش کي ڀائي ويو ۽ اسان پوءِ وارن لاءِ راهه ٺاهي ويو. پنهنجي آدرش سان لڳاءَ، خلوص ۽ جنون کان اڄ سندس دشمن به انڪار نٿو ڪري.

مون جڏهن هي مضمون لکڻ جي ڳالهه هڪ دوست سان ڪئي ته هن مون کي حيدر جي حياتيءَ، سندس جيون، پڙهڻ ۽ حالات ڄاڻڻ جي لاءِ هڪ ٻن ڪتابن پڙهڻ جي صلاح ڏني. مون کيس چيو ته مون خود حيدر کي پڙهيو آهي، ٻي معلومات مان ڇا ڪندس؟

مون کي پتو آهي تہ هو سنڌ جي سرزمين تي ڄائو هيو. مون کي خبر آهي تہ هو ان وقت ڄائو هيو، جڏهن سنڌس قوم کي سنڌس گهرج هئي. مون کي پروڙ آهي تہ هن جو ڪجهہ پڙهيو هيو سو پنهنجي ملڪ ۽ قوم جو مطالعو هيو ۽ مان ان کان بہ بيخبر نہ آهيان تہ هن جي زندگيءَ ۾ جو حاصل سنڌس پرپٽ يعني سنڌس آدرش يا انقلاب هيو.

مون سي ڏٺا ماڻ، جنهن ڏٺو پرينءَ کي
تني سندي ڪاڻ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي،

(هي مضمون هفتيوار صبح سنڌ ڪراچي جي ۸ آڪٽوبر ۱۹۷۰ واري شماري تان ورتو ويو.)

# حيدر سنڌ

ــ غلام محمد لغاري

سنڌ جي غلامي جي ڏينهن کان وٺي، آزادي تائين جي ڪنهن سنڌ کي پونٽ جي پنجوڙ مان آزاد ڪرائڻ لاءِ متواتر قربانيون ڏنيون ته، اهو عاشق سنڌ حيدربخش جتوئي هو.

ڪيترا هن وقت جا قائد سنڌ ــ قائد عوام ــ مجاهد سنڌ، ڪيترائي فولادي انسان، ڪيترائي شهر ۽ ٻڪوڙ جوڪي هميشه سنڌ جي عوام جي خيرخواهي جي هام هڻندا رهن ٿا، ڪيترا هيمشر جا لپاڙ باز ليڊر، جن جي هيمشر هڪ ڄاڙي آسمان تي ته ٻي زمين تي آهي، سي ان وقت ڪماڙي ڪنهندا رهيا. نه رڳو ايترو مگر سنڌ دشمنن سان هم نواله هم فڪر رهيا. مگر حيدر هر حال ۾ بهادر سنڌ غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪرڻ لاءِ عمر جي ڦهري ڪوٽ تي تقرير خواه تحرير، نظم يا نثر ۾ ڪاهيندو رهيو. سندس شاعري، سندس قلم، سندس عمل، سندس گفتار سندس رفتار ۽ سندس ڪردار سراسر قومي بڻجي ويئي. اسان جو هم صفت موصوف

حيدر، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ اڪيلو ئي لڙندو رهيو، وڏي واڪي چوندو رهيو:

"وڪي جنهن سنڌ پياري، تنهن تي لعنت!
ڪيو جنهن ڪم هڄارو، تنهن تي لعنت!
وجهي تو جڳ سارو، تنهن تي لعنت!
ڇڏيل آهي مرڻ کان، سنڌ پياري!
ٿيون قربان تو تان، سنڌ پياري!

اهڙي ريت جيئي سنڌ جو سدا حيات نعرو به اسان جي حيدر ڏنو. انهي نعري جي خلاف ڏهن ڪي وچ ۾ آندو ويو. پاڪستان دشمني چئي ڌڪيو ويو. مگر جتوئي حيدر لڙندو رهيو. تان جو نوجوانن، شاعرن، اديبن ۽ هارين انهيءَ نعري جي اهميت کي سمجهيو، اڄ جيئي سنڌ جو نعرو اسان جو قومي نعرو بڻجي ويو آهي. حيدربخش جتوئي سان هڪ دفعي بحث ٿيڻ جي موقعي تي هڪ دوست چيو ته توهان ته هاري حقدار آهيو، پلا پوڻ جي ٽنڊن سان هارين جو ڇا واسطو؟ هڪ طرف توهان جو نعرو اهو رهيو آهي ته، دنيا جا مزدورو، دنيا جا هاريو هڪ ٿي وڃو. ٻئي طرف توهان جيئي سنڌ چئي رهيا آهيو. پاڻ فرمايائون ته هينئر سنڌي قوم ۽ سنڌ مظلوم آهن، پهرين هن قوم کي زنده رکڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي. ڪنهن، ڪنهن وقت ۾ قومون سڀ جون سڀئون

چيو هئائون . جنهن تقرير جو رڪارڊ سنڌس لائق فرزندن وٽ موجود آهي. انهيءَ ۾ سنڌن آخري پيغام اهو هو تہ هاري، مزدور، شاگرد، عوامي رابطا ڪاميٽي جي عوامي محاذ کي وڌيڪ ڪاڻ وڌيڪ منظم ڪجي ۽ سنڌ جي اندر اها تنظيم اڪيلي هلي عوامي انقلاب، جو پيش خيمون بڻجي ويندي.

اميد تہ سنڌ جا ڇوڪرا ، نوجوان ، شاگرد ، هاري ليڊر ضرور انهيءَ عوامي رابطا ڪاميٽيءَ کي وري جياريندا. جيئن هي عوامي محاذ وڏيرا شاهي، جاگيردار شاهي ، ڪامورا شاهي ۽ سامراجي ايجنٽن جي خلاف ڪڏهن انقلاب آڻي سگهي . اميد تہ انهيءَ ڏس ۾ ڪوششون ڪيون وينديون.

( هي مضمون "صبح سنڌ" هفتيوار ڪراچي جي ٧- آڪٽوبر ١٩٧٠ع واري شماري تان ورتو ويو آهي.)

# خود اعتمادي

— ظفر حسن

انسان جي حياتيءَ ۾ ڪيئن اهڙا واقعا هوندا آهن ۽ اهي سڀ اڻ وسرندڙ هوندا آهي. پر انهن مان چونڊي سڀ کان وڌيڪ اهميت وارو واقعو ٻڌائڻ البت ڏکيو آهي. انسان جي حياتي سان واسطو رکندڙ اهي واقعا يا واقعو اهڙو هجي، جنهن جي ٻڌڻ سان ڪنهن ٻئي کي ذاتي طور يا ڪنهن قوم کي مجموعي طور تي انهيءَ مان ڪا ڪم جي ڳالهه، جي خبر پئي. آئون سمجهان ٿو ته ڪي واقعا اهڙا آهن، جي منهنجي لاءِ اڻ وسرندڙ نٿا ٿي سگهن، پر اهي يا ته آئون ٻڌائي نٿو سگهان يا جيڪڏهن ٻڌائڻ جي همت ڪري بـ وٺم ته انهيءَ مان پڙهندڙ يا ٻڌندڙ لاءِ دلچسپيءَ جو شايد باعث بڻجي سگهن. ڇو جو انهيءَ مان ڪا ڳالهه يا ڪو نتيجو ڪڍي نه ٿو سگهجي. انهيءَ ڪري آئون پنهنجي حياتيءَ جو اهو اڻ وسرندڙ واقعو پيش ڪريان ٿو. جيڪو سڀ کان اهم آهي. جنهن منهنجي سوچڻ جو انداز بدلائي ڇڏيو، ١٩٠٧ع جو سال هجي.

اسين سنڌي ون يونٽ جي غلاميءَ ۾ جڪڙيل هجون.
١٩٥٥ع کان ١٩٧٠ع تائين ون يونٽ تي چوڏهن
سال ٿي ويا هجن، ۽ ڏينهون ڏينهن اسان جهڙن ماڻهن
۾ مايوسي وڌندي ويندي هجي. پر تڏهن به ان وقت
سنڌي سرويچ ون يونٽ ٽٽڻ ۽ سنڌ وري قائم ٿيڻ ۾
اهڙو ئي يقين رکندا هجن، جهڙو سج اڀرڻ ۾. آئون
پاڻ پنهنجي ساٿين ۾ ۽ مون کان ننڍن ۾ اهوئي
چوندو رهان ته ون يونٽ ٽٽي رهندو. سنڌ جيءَ رهندي
دنيا جي ڪابه طاقت سنڌ ۽ سنڌيت ختم نه ٿي ڪري
سگهي. تحريڪن ۾ مسئلن حل ٿيڻ ۾ منزل ماڻڻ ۾
دير نه ٿيندي آهي، پر حقيقت پنجي رهندي آهي.
آئون پاڻ ان وقت مايوس ٿيندڙن ۾ جوش ۽ ولولي
سان همت ۽ آس پيدا ڪندو رهندو هوس. پر ڪنهن
کي خبر نه هئي، ته دل ۾ ڪيترو آهيان ۽ ڪيتري
نه اميد هاري ويٺو آهيان. هوريان هوريان مايوسي
ايتري وڌندي پئي ويئي جو آئون پاڻ ۾ پنهنجو چاهه
ڇڏڻ لڳو هوس. مون کي پنهنجي حياتي بيڪار معلوم
ٿيڻ لڳي هئي. ائين محسوس ٿي رهيو هو ته، اسين
رڳو جذبن ۽ نعرن تي جيءَ رهيا آهيون ۽ سنڌ وري
سنڌ نه ٿيندي.

انهيءَ مايوسي جي انتهائي حالت ۾ آئون هڪ
ڏينهن بابا حيدربخش جتوئي وٽ لنگهي ويس. منهنجون
مايوسيون ۽ نراسايون ٻڌي هو مرڪي ويٺو. جڏهن

مان چيو هاڻس ته: "سائين گهٽ ۾ گهٽ اسان جي هن نسل جي دور ۾ ون يونٽ ڪونه ٽٽندو. شايد ايندڙ هڪ ٻن نسلن کانپوءِ ٽٽي يا ماڳهين نه به ٽٽي."

بابا، ڪليو ۽ انهيءَ ٻار ڀري آسائتي مرڪ سان چوڻ لڳو: "پٽ توهانجو نسل ته اڃان وڏندو، اڃا وقت آهي. ون يونٽ جهڙي غير قدرتي ۽ انتهائي ظلم واري حالت ٽٽي، پڄي ۽ پري رهندي ۽ اها به منهنجي وقت ۾ ٿي! توسون ڏسجانءِ." آئون ڏاڍو خوش ٿي، راضي ٿي، اميدن سان ڀرجي واپس آيس ۽ پنهنجي دوست سان اچي ڳالهه ڪيم، "ون يونٽ ٽٽي رهندو. سنڌ ۽ سنڌيت ڪڏهن نه مرڻي آهي."

تنهن تي دوست ڪلي چيو ته: "توکي ڪنهن چيو ته ون يونٽ ٽٽي رهندو؟"

"حيدربخش جتوئي" مان خوش ٿي ٻڌايومانس. "يار تون حيدربخش جتوئي جو نالو ٻڌو وٺين، چئي جتوئي هن ملڪ جو صدر آهي ۽ هو ون يونٽ ٽوڙي پيو. اهي پوڙها اهڙا آسرا ڪندا رهندا آهن ۽ جهڙڪي جوان ڪڏ هوندا اٿن، انهن ۾ ڪوڙا خيال پرپندا رهندا آهن، يار شاباس اٿئي جو ويساهه ڪيو!"

هون ڪي واقعي سنڌس ڳالهه دل سان لڳي، ته حيدربخش نه صدر آهي ملڪ جو، ۽ نه ئي صدر ٿيڻ

جو ذرو به آثار آهي، مايوسي وري مون تي ڇانئجڻ لڳي.

انهيءَ اثناءِ مايوسيءَ ۾ هڪ ڏينهن اوچتو رات جو ون يونٽ ٽٽڻ جو اعلان ٿيو. سڄي رات خوشي ۾ ننڊ نه آئي. صبح جو ڊوڙندو حيدربخش جتوئي گهر پهتس، پيرين پيوماس. اکين ۾ خوشي جي جذبن کان لڙڪ نه روڪي سگهيس. بابا ڀاڪر پاتو ۽ مون چيومانس، "سائين اوهان کي ڪيترو نه يقين هو ته ون يونٽ ٽٽندو، اهو به اوهان جي زندگيءَ ۾!"

"ها پٽ! مون کي يقين هو ته ون يونٽ ضرور ٽٽندو. اوهان نوجوانن جو جذبو ڏسي مون کي اها پڪ هئي ته ون يونٽ ضرور ٽٽندو، اسين ڏکئي جدوجهد جا قائل آهيون. پر اهو وقت جو ڪاٿو مون تنهنجي دل رکڻ لاءِ ڪيو هو. پنهنجي ديس لاءِ انقلابي سوچ رکندڙ ماڻهو منزل تي پڄائي سگهندا آهن، پر وقت حالتن تي ٻڌل هوندو آهي. ڪڏهن حالتون ان وقت کي وڌائي ڇڏينديون آهن ته ڪڏهن گهٽائي ڇڏينديون آهن. بس ايترو فرق ٿيندو آهي."

آئون اڄ ١٩٧٨ع ۾ به اهي ڳالهيون سوچيان پيو. واقعي حالتون منزل تي پهچڻ لاءِ وقت کي گهٽائي وڌائي سگهن ٿيون، پر منزل تي پهچڻ کان روڪي

نہ ٿيون سگھن، ۽ اهي نعرا ۽ اهي جذبا جي هونئن سگھيا ٿا ليڪن، پر ڪيترا نہ حقيقت سان پرپل آهن. بس منزل تي پهچڻ لاءِ رکيو وقت جو ڪاٿو ڪرڻ ڏکيو آهي. هن نسل پر، پر منزل تي پهچڻو ضرور آهي، سچ جهڙي حقيقت وانگي.

(هي مضمون هفتيوار هدايت جي ماهوار ايڊيشن "حيدر نمبر" تان شڪرئي سان ڪڍيو ويو.)

پورو ٿيو

# ساڃيهہ اشاعت گهر جا ايندڙ ڪتاب

١- جمهوري جدوجهد ۽ سنڌ جون پهراڙيون
(طويل مقالو)

٢- سنڌ جو پهريون سوشلسٽ شاهہ عنايت شهيد
(طويل مقالو)

٣- سنڌ شهيدن ڳاءِ
(شهيد هوشو، روپلو، هيمون ۽ بختاور لاشاري)

٤- سنڌي ٻولي رت رتولي
(مقالا ۽ مضمون)

نوٽ: ساڃيهہ اشاعت گهر جي ڪتابن لاءِ اسان "سارنگ نيوز ايجنسي سکر" کي پنهنجو سول ايجنٽ مقرر ڪيو آهي. ڪتابن گهرائڻ ۽ ٻي معلومات لاءِ ان سان ئي رابطو قائم ڪريو (ادارو)